سنڌي ترجمو

# مدني ڪمن جي تقسيم جون گهرجون


تقسيم ڪاريءَ جي ضرورت 4
تقسيم ڪاريءَ جو مدني مقصد 10
وقت جي ڏيان جا ڪجهه مثال 29
بقا جا انمول موتي 44
19 مدني گل 52


پيشڪش: مَرڪزي مَجلسِ شُوريٰ (دعوتِ اسلامي)


مڪتبة المدينه

فيضانِ مدينه، محلہ سوداگران، پراڻي سبزي منڊي، باب المدينه ڪراچي پاڪستان. فون: 4921389-95/412699 فيڪس: 4125858

Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# "تقسيم ڪاري" جي 9 اکرن جي نسبت سان هن رسالي کي پڙهڻ جون "9 نيتون"

**فرمانِ مصطفیٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم :

**نية الْمؤمن خير من عمله** يعني مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي."

**(المعجم الڪبير للطبراني، الحديث 5942، ج 6،ص 185)**

## ٻه مدني گل

(1) سٺي نيّت کان سواءِ ڪنهن بہ سٺي عمل جو ثواب ناهي ملندو.

www.dawateislami.net

(2) جيتريون سٺيون نيّتون وڌيڪ هونديون، اوترو ثواب بہ وڌيڪ ملندو .

﴿1﴾ هر پيري حمد ۽ ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تعوُّذ ۽ ﴿4﴾ تَسمِيه سان شروعات ڪندس. (هن صفحي جي شروع ۾ ڏنل بہ عربي عبارتون پڙهي وٺڻ سان چار نيتن تي عمل ٿي ويندو). ﴿5﴾ جيترو ٿي سگهي هن جو باوضو ۽ ﴿6﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس﴿7﴾ جتي جتي "الله" جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿8﴾ جتي جتي"سرڪار" جو اسم مبارڪ ايندو اتي صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم پڙهندس ﴿9﴾ ٻين کي هي رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# مدني ڪمن جي ورهاست جون ٿرجون

﴿هن تحريري بيان کي شروع کان آخر تائين پڙهي ونو. مدني تربيت جي مدني گلن جي خوشبوءِ سان معطر ٿي ويندؤ.﴾ ان شآء الله عَزَّوَجَلَّ

## درودِ پاڪ جي فضيلت

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** رَضَوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي رسالي "**ضياءِ درود و سلام**" ۾ نقل فرمائن ٿا ته سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب و سينه، فيض گنجينه صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جن جو فرمانِ برڪت نشان آهي:"مون تي دُرُود شريف پڙهي ڪري پنهنجي مجلسن کي سينگاريو جو توهان جو دُرُودِ پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو."

(فردوس الاخبار، رقم الحديث 3148ج3ص417 طبعة دار الڪتب العربي بيروت)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الحمدلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي شيخ طريقت، **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جن جي ڏينهن رات

---

هي بيان نگرانِ شوريٰ حاجي محمد عمران عطاري سلمه الباري 8 شوال المڪرم 1428 ه بمطابق 21 آڪٽوبر 2007 فيضانِ مدينه، باب المدينه ڪراچي جي مدني

www.dawateislami.net

مشوري ۾ فرمايو. جنهن کي انٽرنيٽ جي ذريعي مختلف شهرن ۾ ٻڌو ويو. ضروري ترميم سان پيش ڪيو پيو وڃي.

جي محنت ۽ جاکوڙ سان تيار ٿيل تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "**دعوتِ اسلامي**"جو مدني پيغام هي بيان ڪرڻ تائين اٽڪل **66** ملڪن ۾ پهچي چُڪو آهي. مدني ڪمن جي **تقسيم جي برڪتن** سان ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪابينائون ۽ مشاورتون قائم آهن ۽ بيشمار اسلامي ڀائر مختلف مجلسن ۽ مشاورتن ۾ تقسيم ٿي اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي پياري پياري مدني تحريڪ "**دعوتِ اسلامي**" کي گهڻو تيزيءَ سان اڳتي وڌائڻ ۾ مصروف نظر اچي رهيا آهن.

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ ڪيترن ئي ملڪن ۾ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي بيشمار هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماعن سان گڏوگڏ هزارين مدارس المدينه بالغان و بالغات ۽ پڻ ملڪ اندر ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ هزارين اسلامي ڀائر مدني قافلن جي ذريعي"**دعوتِ اسلامي جو مدني پيغام**"پهچائي رهيا آهن. هن وقت تائين **35** کان وڌيڪ شعبا قائم آهن. **الله تعالیٰ** جو شڪر آهي، **جامِعَاتُ** المدينه جي ذريعي هزارين اسلامي ڀائر عالِم بڻجي رهيا آهن. مدارسُ المدينه ۾ **50,000** کان وڌيڪ مدني منّا ۽ مدني منّيون علمِ دين ۽ قرآنِ پاڪ حفظ ۽ ناظره جي تعليم مفت حاصل ڪري رهيا آهن. جيلن جي اندر مدني ڪم، مڪتوبات ۽ تعويذاتِ عطاريه، تَخَصُّصَ في الفقه، مڪتبة المدينه، **I.T**، مسجدن ۽ مدني مرڪزن (فيضانِ مدينه) ۽ **جامعات** ۽ مدرسن جي

www.dawateislami.net

تعميرات، خصوصي اسلامي ڀائرن(گونگن، ٻوڙن ۽ نابينن) جا اجتماع، رمضان المبارڪ ۾ 30 ۽ 10 ڏينهن جا اعتڪاف، المدينة العلميه، مجلسِ تراجم، دارالافتاء اهلسنّت ۽ ٻين شعبن وغيره ۾ مدني ڪم وڌندو پيو وڃي. **الحمدلله عليٰ احسانه**

دعوتِ اسلامی کی قیوم دونوں جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یاالله میری جھولی بھر دے

(دعائے عطار دامت برکاتہم العالیہ)

# تقسيم ڪاريءَ جي ضرورت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مدني ڪمن جي وڌڻ سان گڏوگڏ انهن جي تقسيم ڪاريءَ جي ضرورت ۾ ٻه اضافو ٿيندو پيو وڃي. جيئن ته وڏين ذميدارين وارن اسلامي ڀائرن تي مدني ڪمن جي مصروفيّت جو ٻوجهه وڌي چُڪو تنهن ڪري هر شعبي کي ڀرپور وقت ڏيڻ انهن لاءِ ڏکيو ٿي ويو آهي. ان لاءِ مدني ڪمن سان گڏوگڏ ذميدار جي شخصيت کي ٻه تنظيمي لحاظ کان ناقابلِ تلافي نقصان پهچي سگهي ٿو.

# تقسيم ڪاريءَ جو بهترين وقت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن توهان هن ڳالهه کي محسوس فرمايو ته ذميداريءَ جي ڪري مصروفيّت ايتري قدر وڌي چُڪي آهي جو مدني ڪمن کي سرانجام ڏيڻ جي لاءِ وقت گهٽ ملي رهيو آهي ۽ گهٽي تعداد ۾ اهڙا ماتحت اسلامي ڀائر ٻه موجود آهن جيڪي نه صرف قابلِ اعتماد ۽

www.dawateislami.net

سمجهدار بلڪ ڪين گهٽي مصروفيات پڻ نہ آهي، تہ اهو مدني ڪمن جي تقسيم جو بهترين وقت آهي. جيڪڏهن اڄ مدني ڪم ڪنهن جي حوالي ڪري سگهجن ٿا تہ سڀاڻي جو انتظار نہ ڪريو. ڪٿي توهان کي شرمندگيءَ کي منهن ڏيڻو نہ پوي. ان ڪان اڳ توهان"**مدني ڪمن جي تقسيم**" نالي رسالي جو مطالعو ڪري چُڪا هوندؤ. اسلامي ڀائرن جو اهو مطالبو رهيو تہ مدني ڪمن جي تقسيم جي گُهرجن تي ڪجهہ بيان ٿئي تنهن ڪري ارشاد موجب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

## تقسيم ڪاري ۽ ان جون گهرجون

www.dawateislami.net

حضرتِ سيّدُنا عَمرو بن مُرّہ رضی اللہ تعالٰی عنہ کان روايت آهي انهن حضرتِ سيّدُنا اميرِ معاويہ رضی اللہ تعالٰی عنہ کي فرمايو، مون رسول الله عزوجل و صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم کي فرمائيندي ٻُڌو تہ جنهن کي الله تعالى مسلمانن جي ڪنهن شيءِ جو والي ۽ حاڪم بڻائي پوءِ اهو مسلمانن جي حاجت ۽ ضرورت ۽ محتاجي جي سامهون پردو ڏئي تہ الله تعالى ان جي حاجت ۽ ضرورت ۽ محتاجيءَ جي سامهون آڙ فرمائي ڇڏيندو." پوءِ حضرتِ سيّدُنا اميرِ معاويہ رضی اللہ تعالٰی عنہ ماڻهن جي حاجت تي هڪ ماڻهو مقرر فرمائي ڇڏيو. **(ابو داود، كتاب الخراج والفيء والامارة، باب فيما يلزم الامام من امر الرعية، الحديث 2948 ج 3 ص 188)**

مُفَسرِ شهير، حڪيم الامت، حضرتِ علامه مفتي احمد يار خان نعيمي عليه رحمة الله الغني مِرآة شَرحِ مِشڪوٰة ۾

هن حديثِ مبارڪ جي تحت فرمائن ٿا، جنهن جو خلاصو هي آهي تہ حضرتِ سيّدُنا عَمرو بن مُرّہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ اهو فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم حضرتِ سيّدُنا اميرِ مُعَاويہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کي ان وقت ٻُڌايو جڏهن اهي سلطان (يعني بادشاهہ) بڻجي چُڪا هئا تہ جيئن اهي هن **حديث** تي **عمل** ڪن.

پاڻ رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالیٰ عَلَیْہِ وڌيڪ فرمائن ٿا: حضرتِ سيّدُنا اميرِ مُعَاويہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ شهنشاهِ ڪون و مڪان، مڪي مديني جي سلطان، رسولِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو فرمانِ عاليشان ٻُڌي ڪري هڪ ڪاتو ٺاهي ڇڏيو، جنهن جي ماتحت هر ڳوٺ ۾ هڪ آفيسر رکيو ويو، جيڪو ماڻهن جون معمولي ضرورتون پاڻ پوريون ڪري ۽ وڏيون ضرورتون حضرتِ سيّدُنا اميرِ مُعَاويہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ تائين پهچائي. پوءِ هميشہ ان آفيسر (يعني ذميدار) کان پُڇا ڳاڇا ڪندا هئا تہ ڪٿي هو فرضن جي پورائي ۾ ڪوتاهي تہ ناهي ڪندو.

(مرآۃ المناجيح ج5 ص 374)

**اللہ تعاليٰ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

آمين بجاه النبي الامين صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان تہ حضرتِ سيّدُنا اميرِ مُعَاويہ رضی اللہ تعالیٰ عنہ اڳ ۾ پنهنجي ڪمن ڪي ورهائيندي. (1) شعبو قائم فرمايو (2) ان جو ذميدار بڻايو (3) پنهنجي ذميداريءَ وارا ڪم الڳ ڪيا (4) ۽ پوءِ انهن ڪمن جي پُڇا ڳاڇا جو سلسلو بہ جاري رکيو. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ تقسيم ڪاري

www.dawateislami.net

ٻہ فرمائي ۽ ان جون گهرجون ٻہ پوريون فرمايون خاص طور تي پُڇا ڳاڇا.

## پڇا ڳاڇا مدني ڪمن جي جان آهي

الحمدﷲ عَزَّوَجَلَّ هن سلسلي ۾ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي مدني تحريڪ "**دعوتِ اسلامي**" ۾ ڪارڪردگي فارم ۽ مدني مشورن جو هڪ بهترين مدني نظام قائم آهي. منهنجا شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي دامت برڪاتهم العاليه فرمائن ٿا: "**پڇا ڳاڇا مدني ڪمن جي جان آهي**" ۽ اها ڳالهہ ڪيتريقدر عَقُل ۽ فَهم جي ويجهو آهي، ان کي هن مثال مان سمجهو.

## تقسيم ڪاري جي عظيم شاميانې جي مضبوطي

www.dawateislami.net

هڪ شخص هڪ وڏي ميدان ۾ شاميانا لڳائيندو آهي (جيئن دعوتِ اسلامي جي بين الاقوامي سنّتن ڀرئي اجتماع جي موقعي تي صحراءِ مدينه ملتان جي سوين ايڪڙ ايراضيءَ تي هزارين شاميانا لڳايا ويندا آهن) ۽ وڏي مهارت سان ئي انهن کي ڇِڪي ٻَڌندو بہ آهي پر هڪ سمجهدار ۽ تجربيڪار شخص هڪ ڀيرو ڇِڪي ٻَڌڻ کي ڪافي ناهي سمجهندو بلڪ ڇِڪڻ جي عمل کي جاري رکندو آهي ڇوتہ هو ڄاڻي ٿو تہ هوائن ۽ بين عملن جي ڪري انهن شاميانن جي گرفت(يعني پڪڙ) ڪمزور ٿي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن توهان مدني ڪمن کي تقسيم ڪري ڇڏيو تہ ان کان پوءِ ان جي هڪ اهم ترين گُهرج پُڇا ڳاڇا آهي. جنهن سان تقسيم ڪاريءَ جو اهو عظيم شاميانو مضبوطيءَ سان قائم رهندو. (مدني

مشوري جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڇپيل ڪتاب "**مدني ڪمن جي تقسيم**" جو مطالعو فرمايو)

## وڏن کي سنڀاليو ننڍا پاڻ ئي سنڀلجي ويندا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهو پُڇا ڳاڇا جو مُعاملو رُڳو مدني ڪمن جي لاءِ ئي ناهي بلڪ ٻين اهم ديني مُعاملن ۾ واجبات وغيره جي پابنديءَ جي لاءِ به شرعي گهرجن جي مطابق هجي ته جيئن ذميدارن کي پابند ڪري ٻين اسلامي ڀائرن کي به پابند بڻائي سگهجي. جيئن ته حضرتِ سيّدُنا عمر بن خطاب رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي ته انهن پنهنجي حاڪمن يعني آفيسرن کي لکيو ته "منهنجي ويجهو سڀني ڪمن مان وڏيڪ اهم **نماز** آهي، جنهن ان کي محفوظ رکيو ۽ ان جي پابندي ڪئي، ان پنهنجو دين محفوظ رکيو ۽ جنهن ان کي ضايع ڪري ڇڏيو ته هو نماز کان سواءِ گهٽو ڪجهه ضايع ڪندو."

www.dawateislami.net

**(الموطا لامام مالک، کتاب وقوت الصلاۃ، الحدیث 6 ج1 ص 35)**

ان جي تحت **مفتي احمد يار خان** علیه رحمة الحنان لکن ٿا: "يعني سلطنت جا ڪم، ملڪي انتظام، نماز کان پوءِ آهن، جڏهن نماز جو وقت اچي وڃي ته سڀئي ڪم ائين ئي ڇڏي ڏيو. ان مان به مسئلا معلوم ٿيا هڪ اهو ته بادشاهِ اسلام کي گهرجي ته رعيت جون ديني حالتون سنڀالي، رڳو دنيا تي نظر نه رکي. ٻيو اهو ته **وڏن کي سنڀاليو ننڍا پاڻ ئي سنڀلجي ويندا** انهيءَ لاءِ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ حاڪمن کي خصوصيت سان مخاطب فرمايو. **(مرآۃ المناجیح ج1 ص 376)**

تنهن ڪري ماتحت ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي روزانو فکرِ مدينہ جي ذريعي مدني انعامات جو عامل بڻائڻ ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر ذميدار کي ان جو رسالو جمع ڪرائڻ، هر ٽيهن (30) ڏينهن ۾ 3 ڏينهن مدني قافلي ۽ ٻين مدني ڪمن ۽ تنظيمي اصولن جو پابند بڻائڻ جي لاءِ اسان کي پاڻ کي، ذميدارن کي ۽ پُراڻن اسلامي ڀائرن کي ان جو پابند ڪرڻ لازمي آهي.

**ڪاش!** سّيدي و مرشدي، بانيءِ دعوتِ اسلامي دامت برڪاتهم العاليه جا هي ارشاداتِ عاليہ هميشہ ذهن ۾ رهن. جيئن تہ فرمائن ٿا: ﴿1﴾ **ٻين کي تنظيمي اصولن جو پابند بڻائڻ جي لاءِ پاڻ با اصول بڻجڻ ضروري آهي.** ﴿2﴾ **ترغيب ڏيڻ جي لاءِ سراپا ترغيب بڻجي وڃو.**

www.dawateislami.net

دیتا رہوں نیکی کی دعوت چاہتا ہوں استقامت
گزرے یُوں ہی عمر ساری عطاری ہوں عطاری

صلوا علی الحبیب! صلی اللہ تعالی علی محمد

## مقصد جو ملڻ اڃان ڪجھہ ٻيو آهي

منقول آهي تہ تقسيم ڪاري رڳو ماڻهن ۾ ڪم تقسيم ڪرڻ ۽ انهن کي مصروف رکڻ جو نالو ناهي بلڪ تقسيم ڪاري تہ اها آهي جو **باصلاحيت** ۽ **مخلص ماڻهن کان اهم ڪم، بهترين معيار جي مطابق ڪرايا وڃن.** ياد رهي تہ اصل شيءِ جو هجڻ ڪجھہ ٻيو ۽ مقصد جو ملڻ ڪجھہ ٻيو آهي. اسان کي هتي تقسيم ڪاريءَ جي مطلب کي

سمجھڻ بيحد ضروري ھوندو ڇوتہ مقصد تي نظر نہ ھوندي اسان ان جي گھرجن کي بہ نہ سمجھي سگھنداسين.
ان ڳالھہ کي ھن مثال جي ذريعي سمجھو.

## ڪپڙن جا داغ

فرض ڪريو توھان پنھنجا ڪپڙا ڌوٻيءَ کي ڌوئڻ جي لاءِ ڏنا، انھن ڪپڙن ۾ ڪيترن ئي جڳھن تي وڏا وڏا داغ نُمايان نظر اچي رھيا ھئا. ڌوٻي ڪپڙا بھترين ڌلائيءَ کان پوءِ استري ڪري ڪٺي آيو. جيئن ئي توھان پائڻ جي لاءِ انھن کي کوليو تہ اھي ئي داغ نظر آيا يقينًا توھان ان کان سوال ڪرڻ جو حق رکو ٿا تہ منھنجو مقصد صرف ڌوئڻ نہ ھو بلڪ داغن کي صاف ڪرائڻ ھو. ڪپڙا تہ ڌوپجي ويا پر داغ جيئن جو تيئن رھيا يعني **اصل شيءِ** تہ ملي وئي پر **مقصد** حاصل نہ ٿيو.

www.dawateislami.net

## تقسيم ڪاريءَ جو مدني مقصد

اھڙيءَ طرح **تقسيم ڪاريءَ جو مدني مقصد** اسلامي ڀائرن کي رات ڏينھن مصروف رکڻ ئي ناھي بلڪ انھن کان مدني ڪمن کي ترقيءَ ڏيارڻ اصل مقصد آھي. جن ۾ مدني قافلن، ھفيوار علائقائي دؤرو براءِ نيڪيءَ جي دعوت، مدرسة المدينه بالغان ۽ مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار جي مطابق ماھوار جدوَل بڻائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ نمايان آھي. جيڪڏھن توھان ان طريقي سان مدني ڪمن کي ڪنھن جي حوالي ڪندؤ تہ ڏِٺي عرصي تائين

مدني ڪمن تي غور ۽ فڪر يعني سوچ ۽ ويچار ۽ ان کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ خوب قوت ۽ همٿ بہ حاصل ٿيندي.
ان شآء الله عَزَّوَجَلَّ

## تقسيم ڪاريءَ جا فائدا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً **تقسيم ڪاريءَ** ۾ فائدا ئي فائدا ۽ بَرَڪتون ئي برڪتون آهن. ان جي ماتحت اسلامي ڀائرن جي مدني تربيت، نعم البدل جي تياري، صدقهءِ جاريہ جي بَرَڪت، نوَن ۽ پُراڻن اسلامي ڀائرن سان رابطن جي ترقي، **تَفَڪر في الدين** جي لاءِ فُرصت ۽ وقت سان گڏوگڏ مدني ڪمن کي تمام خوبصورتيءَ سان مڪمل ڪرڻ جي سعادت بہ حاصل ٿيندي ان **شآءالله** عَزَّوَجَلَّ. پر انهن ڪاميابين کي حاصل ڪرڻ لاءِ **تقسيم ڪاريءَ** جي گُھرجن کي پورو ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

www.dawateislami.net

## مدني تربيت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان جن اسلامي ڀائرن ۾ مدني ڪم تقسيم ڪريو، انهن جي لازمي طور مدني تربيت بہ فرمايو، ان جي لاءِ توهان کي وقت بہ ڏيڻو پوندو. ڪنهن خوب چيو آهي تہ ”ماڻهن جي تربيت تي هڪ ڪلاڪ خرچ ڪري توهان پنهنجا ڪيترائي ڪلاڪ بچائي سگھو ٿا.“ غير تربيت يافتہ اسلامي ڀائرن کي مدني ڪم حوالي ڪرڻ جي ڪري نہ صرف **گھربل نتيجن کان محرومي** ٿيندي بلڪ توهان جي رنج ۽ غم ۾ بہ اضافو ٿي سگھي ٿو ۽ اهو

بہ ممڪن آهي تہ ان عمل سان توهان ڪي پنهجي نگران جي سامهون هرهر شرمندو ٿيڻو پوي، تنهن ڪري پنهجي ماتحت اسلامي ڀائرن کي سهڻي نموني سان سمجهائيندا رهو، انهن جي تربيت فرمائيندا رهو،ان معاملي ۾ ڪڏهن بہ سُستي نہ فرمايو. يقينًا مسلمان کي سمجهائڻ فائدو ڏيندو آهي. الله رب العٰلمين جل جلاله ستاويهين سيپاري سورة الذّٰريٰت جي آيت 55 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

**وَذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ 0**

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ سمجهايو جو سمجهائڻ مسلمان کي فائدو ڏيندو آهي.

www.dawateislami.net

اسان جا اڪابر (رحمهم الله المبين) پنهنجي ماتحتن جي تربيت ڪهڙي حڪمت ۽ تدبير سان ڪندا هئا ان جي هڪ سهڻي جهلڪ ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ

## تربيت جا مشڪبار مدني گل

شيخ طريقت امير اهلسنّت،آفتابِ قادريت،ماهتابِ رضويت، عاملِ قرآن و سنّت صاحبِ خوف و خشيت،عاشقِ اعليٰ حضرت، اميرِ ملت، مصنفِ فيضانِ سنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي مايہ ناز تصنيف "فيضانِ سنّت" تخريج شده (جلد پهريون) جي صفحي نمبر450 تي ذميدارن کي تربيت جا بيشمار مدني گل عطا ڪندي فرمائن ٿا:

حضرتِ سيّدُنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُاللّٰہِتعالٰیعَلَیْہِ کي هڪ ڏينهن اطلاع مليو تہ سپهہ سالار جي بورچيخاني جو روزانو جو خرچ هڪ هزار درهم آهي. ان ڏيچاريندڙ خبر سان کين سخت افسوس ٿيو. ان جي اصلاح جي لاءِ **انفرادي ڪوشش** جو ذهن ٻڻايائون ۽ کيس دعوت تي گهرايائون، پاڻ رَحْمَةُاللّٰہِتعالٰیعَلَیْہِ بورچين کي حڪم ڏنائون تہ اعليٰ قسم جي کاڌن سان گڏ **جوَ شريف جي ڪش** بہ تيار ڪئي وڃي، سپهہ سالار جڏهن دعوت ۾ حاضر ٿيو تہ خليفي ڄاڻي واڻي کاڌو گهرائڻ ۾ ايڏي دير ڪئي جو سپهہ سالار بُک جي سبب بيتاب ٿي ويو، آخرڪار امير المؤمنين رضیاللّٰہتعالٰیعنہ پهريان جوَ شريف جي ڪش گهرائي. سپهہ سالار جيئن تہ تمام بُکايل هو، ان لاءِ ان **جوَ شريف جي ڪش** کائڻ شروع ڪئي ۽ جڏهن اعليٰ قسم جا کاڌا آيا تہ ان وقت ان جو پيٽ پرجي چُڪو هو، داناءُ خليفي رضیاللّٰہتعالٰیعنہ اعليٰ قسم جي کاڌن ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو، "توهان جو کاڌو تہ هاڻي آيو آهي، کائو! سپهہ سالار انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ "سائين! منهنجو پيٽ تہ ڪش سان ئي پرجي ويو آهي. **اميرالمؤمنين** فرمايو، سبحٰن الله! ڪش بہ ايڏو عمدو کاڌو آهي جو پيٽ بہ پري ڇڏي، ۽ آهي بہ ايترو سستو جو هڪ درهم ۾ ڏهہ ماڻهن جو پيٽ پري ڇڏي اهو چئي ڪري نصيحت جا مدني گل ورهائيندي فرمايائون تہ، "جڏهن توهان ڪش مان بہ گذارو ڪري سگهو ٿا تہ آخر روزانو هڪ هزار درهم پنهنجي کاڌي تي ڇو ٿا خرچ ڪريو؟ سپهہ سالار صاحب! **خدا** عَزَّوَجَلَّ

www.dawateislami.net

ڪان ڏجو ۽ پنهنجو پاڻ کي گهٽو خرچ ڪرڻ وارن ۾ داخل نہ ڪريو. پنهنجي بورچيخاني ۾ جيڪا رقم بي رحميءَ سان خرچ ڪريو ٿا اها الله عَزَّوَجَلَّ جي راضپي لاءِ بُکايلن، حاجتمندن ۽ غريبن کي ڏئي ڇڏيو. متّقي خليفي جي **انفرادي ڪوشش** لشڪر جي سپہ سالار جي دل تي گهرو اثر ڪيو ۽ ان عهد ڪيو تہ ٻيهر ڪاڏي ۾ سادگي اختيار ڪندس ۽ گهٽ خرچ مان ڪم وننڊس. **(مغني الواعظين ص491)**

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# مدني تربيت جو قرآني نسخو

www.dawateislami.net

تربيت جي اهميت يعني قدر و منزلت ۽ ضرورت جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳايو تہ ربّ ڪريم جل جلاله پنهنجي محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ تعالىٰ عليهِ واٰلهٖ وسلَّم کي ان جا آداب ارشاد فرمائي رهيو آهي. جيئن تہ چوڏهين سيپاري جي سورهءِ نَحل جي آيت نمبر 125 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَةِ وَالۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ وَجَادِلۡهُمۡ بِالَّتِىۡ هِىَ اَحۡسَنُ ؕ

**ترجمو ڪنزلايمان:** پنهنجي رب جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان ۽ انهن سان بحث ڪر انهيءَ طريقي سان جيڪو سڀ ڪان سهڻو هجي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! غير تربيت يافته ذميدار پنهنجي ناداني، طبيعت جي سختيءَ جي سبب نيڪيءَ جي دعوت جي **عظيم مدني ڪم کي زبردست نقصان** پهچائي سگهي ٿو. تنهن ڪري پنهجي ماتحتن کي پنهنجي **صحبت** سان نوازيو ۽ پنهنجا **تجربا** انهن ۾ منتقل ڪريو. ياد رهي! هن سلسلي ۾ پنهنجي ذاتي فضيلتن ۽ قربانين جو بيان رياڪاري، ڏيکاءُ ۽ خودپسندي جي خطرناڪ يعني تباهه ڪرڻ واري مرض ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿو. ان جي لاءِ زياده مناسب اهو آهي ته جيڪڏهن پنهنجو ڪو واقعو بيان ڪرڻو پئجي وڃي ته"**هڪ مبلغ**" چئي ڪري ٻُڌائڻ وڌيڪ فائديمند ثابت ٿيندو. **ان شآء الله** عَزَّوَجَلَّ .

www.dawateislami.net

ماتحت اسلامي ڀائرن جي مدني تربيت جي لاءِ پيڪرِ علم و حڪمت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي دامت برڪاتهم العاليه جا دلنشين ۽ حڪمت ڀريا مدني تربيت سان مالا مال واقعا ٻُڌايو جيئن اسلامي ڀائر سکن ته ڪنهن به مدني ڪم کي ڪهڙيءَ طرح مڪمل ڪري سگهجي ٿو. ان جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل ڪتاب" **تعارفِ اميرِ اهلسنت**" مان به فائدو حاصل ڪريو(1) ۽ وقتًا فوقتًا پنهنجي نگران جي اجازت سان تربيتي اجتماعن جو انعقاد به نهايت فائديمند رهندو. **ان شآء الله** عَزَّوَجَلَّ

# احساسِ ذميداري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله تبارڪ و تعالیٰ اوهان جي جوش ۽ ايماني جذبي ۾ وڌيڪ بَرَڪتون عطا فرمائي. جن اسلامي ڀائرن ۾ توهان مدني ڪم ورهائڻ چاهيو ٿا. پهريان

(1)اميرِ اهلسنّت جي فيوض و برڪات کان آگاهي حاصل ڪرڻ جي لاءِ نگرانِ شوريٰ جي تحريري بيان جو رسالو "فيضانِ مرشد" جو مطالعو ۽ ڪيسيٽ بيانات "فيضانِ مرشد، احسانِ مرشد، ڪامل مريد" وغيره جو ٻُڌڻ بيحد فائديمند ٿيندو. ان شآءالله عزّوجلّ

تہ انهن جي صلاحيت ۽ ڌُن کي سامهون رکو ڇوتہ نوان باصلاحيت اسلامي ڀائر عام طور وڌيڪ بهتر نتيجا ڏيندا آهن. اهو بہ ياد رکو! تہ توهان مدني ڪم جن جي حوالي ڪري رهيا آهيو، انهن جي وقت کي بہ هڪ نظر سان ڏسي ڇڏيو ڇو تہ ڪيڏو ئي باصلاحيت اسلامي ڀاءُ ڇونہ هجي جيستائين هو وقت نہ ڏيندو، اسين ان جي صلاحيتن مان فائدو حاصل نہ ڪري سگهنداسين ۽ جيڪڏهن هو بہ توهان جيان گهڻو مصروف ٿيو تہ پوءِ انجام جو اندازو توهان پاڻ ئي لڳائي سگهو ٿا.

جڏهن توهان اهڙن اسلامي ڀائرن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃو، جيڪي باصلاحيت ۽ وقت ڏيڻ وارا هجن تہ پوءِ توهان انفرادي ڪوشش، تربيتي اجتماعن ۽ مدني مشورن جي ذريعي مدني تربيت جي مرحلي ۾ داخل ٿي وڃو. سڀ کان اڳ ۾ انهن ۾ "**احساسِ ذميداري**" جو جذبو اُڀارڻ جي ڪوشش فرمايو. انهن کي هن ڳالهہ جو احساس ڏياريو تہ توهان اسان جي نظر ۾ با اعتماد آهيو.

www.dawateislami.net

جيڪو مدني ڪم اوهان جي حوالي ڪيو ويو آهي، ان جي اهميت، ان کي درست ڪرڻ جا فائدا ۽ ڪمزور يا غلط ٿي وڃڻ جي نقصانن، ۽ پڻ تنظيمي ذميداري جي اخروي فائدن جو بيان بہ انتهائي مؤثر ثابت ٿيندو. **ان شآء الله عزوجل**

پنهنجي موقف کي وڌيڪ واضح ۽ پُر دليل بڻائڻ جي لاءِ تاريخ اسلام جا واقعا، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي دامت برڪاتهم العاليه جي ديني خدمتن جو بيان، ٻُڌڻ وارن جي مدني جذبن ۾ عشق جي باهہ ڀڙڪائڻ جو ڪم ڪندو، جنهن جي نتيجي ۾ توهان انهن ۾ مدني ذهن پيدا ڪرڻ لاءِ سنو ڪردار ادا ڪري سگهندؤ. **ان شآء الله عزوجل**

انهن ڳالهين جي مواد جي لاءِ مڪتبة المدينہ تان اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جو ڪيسيٽ بيان "**راهِ تبليغ ڪي پُرسُوز واقعات**" ۽ مدني مذاڪرا، جن ۾ خاص طور تي ذميدارن کي مخاطب فرمائي ڪري پاڻ اهم ارشادات کان نوازيو آهي، انهن نُڪتن کي پنهنجي ڊائريءَ ۾ محفوظ ڪري مدني مشوري يا تربيتي اجتماعن ۾ ذميدارن تائين سهڻي نموني سان پهچايو. مدني نتيجن جو توهان پاڻ ئي مشاهدو ڪري وٺندؤ ۽ پڻ "**احساسِ ذميداري**" ۽ "**مدني ڪمن جي تقسيم**" نالي ڪتاب (جيڪي مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪري سگهجن ٿا) مان بہ معلومات حاصل ڪرڻ فائديمند ثابت ٿيندو. **ان شآء الله عزوجل**

www.dawateislami.net

## احساسِ ذميداري جو هڪ مثال

احساسِ ذميداري جو جذبو رکڻ وارن جا انداز ئي ڪجهہ نرالا هوندا آهن. مثال طور هڪ اسلامي ڀاءُ جي شام جو مڪتب ڪان ڇُٽي ٿي اهو جيئن ئي نِڪتو اوچتو ٽيليفون جي گهنٽي وڳي، السلام عليڪم چئي ڪري فون رِسيو ڪيائين تہ هڪ ضروري نياپو لکڻ جي ضرورت پيش آئي. اهو اسلامي ڀاءُ قلم يا پينسل ڳوليندو رهيو پوءِ پرسان سان ئي ڪاربن پيپر ڪٽي ڊَسٽ بِن (DUST BIN) مان اڇلايل پَنو ڪڍيو ۽ زمين مان ڪک کڻي ڪاربن تي لکڻ شروع ڪيائين جنهن جو اثر ڪاغذ تي اچي ويو.

اهو اسلامي ڀاءُ چاهي ها تہ صرف نياپو ياد ڪري ڇڏي ها پر وسري وڃڻ جو انديشو هو يا سياڻي ڪنهن سبب جي ڪري مڪتب مان غير حاضر ٿيڻ جو امڪان بہ ڪيس ذهن ۾ هيو، تنهن ڪري احساسِ ذميداري جا گُهرج پورا ڪندي پنهنجي **ذهانت** ۽ **صلاحيت** جي ذريعي پنهنجي مدني تحريڪ جي وڏي فائدي کي سامهون رکندي ان اهو عمل ڪيو.

www.dawateislami.net

## فاروقِ اعظم رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي احساسِ ذميداري

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** امير المؤمنين، **خليفة المسلمين**، **غيظ المنافقين**، حضرتِ سيّدُنا فاروقِ اعظم رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي **احساسِ ذميداري** کي ڪير نہ ٿو ڄاڻي. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي سيرتِ مبارڪ ۾ **احساسِ ذميداري** جا بيشمار ۽

بي مثال واقعا موجود آهن، جن مان هڪ واقعو پيشِ خدمت آهي جيئن

حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ سڄي رات مدينهءِ منوره ( زاد ها الله شرفا و تعظيما) جي روشن ۽ خوشبودار ۽ مشڪبار ۽ روشني ڪندڙ گھٽين جو دؤرو فرمائي ڪري پنهنجي رعيت جي خبرچار ۾ مصروف هئا ۽ گڏوگڏ ان ڳالهه تي بہ غور فرمائي رهيا هئا تہ ايران جي اولهندي صوبي "اَهواز" کي فتح ڪرڻ جي لاءِ اسلامي لشڪر جو سپهہ سالار ڪنهن کي منتخب ڪيو وڃي. غور و فڪر ڪرڻ کان پوءِ حضرتِ سيّدُنا سلمہ بن قيس رضی اللہ تعالٰی عنہ جو نالو سندن ذهن مبارڪ ۾ آيو. ان ڪم کي ڪرڻ جي لاءِ انهن جي صلاحيت ۽ قابليت جو سوچي ڪري پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. مطلب تہ حضرتِ سيّدُنا سلمہ بن قيس رضی اللہ تعالٰی عنہ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ جو گھربل مقصد ڪاميابيءَ سان پورو ڪيو ۽ مسلمانن کي عظيم فتح نصيب ٿي.

www.dawateislami.net

حضرتِ سيّدُنا سلمہ بن قيس رضی اللہ تعالٰی عنہ فتح کان پوءِ مجاهدن ۾ غنيمت جو مال ورهائي رهيا هئا. نهايت قيمتي ۽ خوبصورت **موتين جو هار** سندن هٿ ۾ آيو. پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ لشڪر ۾ شريڪ ماڻهن سان مشورو ڪيو تہ جيڪڏهن توهان سڀ ان ڳالهه جي اجازت ڏيو تہ هي موتين جو خوبصورت هار **اميرالمؤمنين** رضی اللہ تعالٰی عنہ کي تحفي طور موڪلي ڏيون؟سڀني انهيءَ راءِ جو اقرار ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو. پوءِ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ ان هار کي دبليءَ ۾ وجهي

ڪري پنھنجي قوم جي ٻن ماڻھن کي روانو ڪيو. پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ جن ماڻھن کي اميرالمؤمنين عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ جي طرف روانو ڪيو ھاڻي انھن جو واقعو انھن جي زباني ملاحظ فرمايو.

"**قبيلہ اشجع**" جو اھو شخص بيان ڪري ٿو تہ مان ۽ منھنجو غلام بصره جي طرف روانا ٿياسين، اتي پھچي ڪري اسان سفر جي لاءِ ٻہ سواريون خريد ڪيون، ان جي لاءِ اسان کي اجازت ۽ سرمايو حضرتِ سيّدُنا سلمہ بن قيس رضی اللہ تعالٰی عنہ عنايت ڪيو ھو. اسان سفر جو سامان انھن تي سٿي ڇڏيو ۽ مدينہءِ منوره ڏانھن روانا ٿياسين. جڏھن اسان اتي پھتاسين تہ اسان اميرالمؤمنين رضی اللہ تعالٰی عنہ کي تلاش ڪيو اھي ھڪ جڳھہ ۾ پنھنجي لٺ تي ٽيڪ لڳائي، مسلمانن کي کارائڻ واري ڪاڌي جي نگراني فرمائي رھيا ھئا. پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ پنھنجي غلام يرفاء کي فرمائي رھيا ھئا. اي يرفاء: انھن ماڻھن جي سامھون وڏيڪ گوشت رکو. اي يرفاء: انھن ماڻھن جي سامھون وڏيڪ مانيون رکو. اي يرفاء: انھن ماڻھن جي ٿانوَن ۾ وڌيڪ شوروو وجھو. جڏھن مان انھن وٽ آيس تہ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ مون کي ارشاد فرمايو: ويھو: مان اتي عام ماڻھن سان گڏ ويھي رھيس. منھنجي سامھون ڪاڌو رکيو ويو جيڪو مون کاڌو.

جڏھن ماڻھو ڪاڌي کان فارغ ٿيا تہ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ ارشاد فرمايائون: اي يرفاء دسترخوان کڻو، پوءِ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ روانا ٿيا تہ مان سندن پويان ھلڻ لڳس. جڏھن پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ گھر ۾

www.dawateislami.net

داخل ٿيا تہ مون گهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت طلب ڪئي. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ شفقت فرمائيندي اجازت عطا فرمائي. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ وارن مان اٽيل هڪ تڏيءَ تي ويهي رهيا ۽ ٻن اهڙن وهاڻن تي ٽيڪ لڳائي وينا جيڪي ڪجيءَ جي ڪاٻر سان ڀريل هئا. انهن مان هڪ وهاڻو منهنجي طرف وڌايائون تہ مون ان تي ٽيڪ ڏني. سندن پويان پردو ٽنگيل هيو. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ پردي ڏانهن ڏسو ۽ پنهنجي ٻارن جي ماءُ کي ارشاد فرمايائون: اي اُمِ ڪلثوم (رضی اللہ تعالیٰ عنہا) اسان کي ماني ڏيو. منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ اميرالمؤمنين رضی اللہ تعالیٰ عنہ پنهنجي لاءِ ڪو خاص طعام تيار ڪرايو هوندو، پر پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي ٻارن جي ماءُ (رضی اللہ تعالیٰ عنہا) تيل ۾ تريل هڪ ماني جنهن تي ٻاجهيءَ جي بدران لوڻ رکيل هيو، کڻي پيش ڪيائين. پوءِ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ مون ڏانهن ڏسو ۽ فرمايائون: اچو ماني کائو. مون حڪم مڃيندي هڪ ٻہ گرهہ کنيا، پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ ڪاڏو تناول فرمايو.سندن کائڻ جو انداز اهڙو وڻندڙ هيو جو مون ڪڏهن بہ ڪنهن کي ان عمدي نموني سان کائيندي نہ ڏٺو هو.

پوءِ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ جن ارشاد فرمايو: اسان کي پاڻي پيئاريو، تہ سندن خدمت ۾ سَتُو جو هڪ ڀريل پيالو پيش ڪيو ويو. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمايو اڳ ۾ مهمان کي پيئاريو. مون پيالو ورتو ۽ ٿورڙو سَتُو پيتو. مون محسوس ڪيو تہ جيڪي سَتُو مون پنهنجي لاءِ تيار ڪرايا آهن اهي هن کان تمام بهتر ۽ عمده آهن. پوءِ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ پيالو ورتو ۽ سَتُو

www.dawateislami.net

نوش فرمايو ۽ هيءَ دعا پڙهيائون:“الحمدلله الذي اطعمنا واشبعنا وسقانا وارِوانا (ترجمو)”شڪر آهي ان الله عَزَّوَجَلَّ جو جنهن اسان کي کارايو ۽ ڍؤ ڪرايو، پيئاريو ۽ سيراب ڪيو.”

ان کان پوءِ مون عرض ڪيو: يا اميرالمؤمنين! رضی اللہ تعالیٰ عنہ آءُ هڪ خط کڻي توهان رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو آهيان. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ پڇيائون ڪٿان کان؟ مون عرض ڪيو سلمہ بن قيس رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي طرفان. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمايائون: مان سلمہ بن قيس (رضی اللہ تعالیٰ عنہ) جي خط ۽ ان جي قاصد کي ڀليڪار چوان ٿو. اسلامي لشڪر جي باري ۾ ڪجھہ ٻڌايو. مون عرض ڪيو، يا اميرالمؤمنين رضی اللہ تعالیٰ عنہ توهان رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي خواهش مطابق الله تعالیٰ اسلامي لشڪر کي فتح ۽ نصرت عطا فرمائي. مون جنگ ۾ پيش اچڻ وارا واقعا تفصيل سان پيش ڪيا. پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ تفصيل ٻڌي ڪري ارشاد فرمايائون: الله تعالیٰ جو شڪر آهي جو ان اسان تي پنهنجو بي انتها فضل ۽ ڪرم فرمايو! پوءِ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ دريافت فرمايو: ڇا توهان جو بصري کان گذر ٿيو؟ مون عرض ڪيو جي ها يا اميرالمؤمنين رضی اللہ تعالیٰ عنہ. پُڇيائون: مسلمانن جو ڇا حال آهي؟ مون ٻُڌايو الحمدلله عَزَّوَجَلَّ خيريت سان آهن؟ دريافت فرمايائون: بازار ۾ استعمال ٿيندڙ شين جو اگھہ ڇا آهي؟ عرض ڪيم؟ شيون تمام سستيون آهن. پُڇيائون گوشت جي ڇا قيمت آهي؟گوشت تہ عربن جي پسنديده غذا آهي. جيستائين گوشت نہ ملي انهن کي تسلي

www.dawateislami.net

ناهي ٿيندي. مون ٻُڌايو گوشت تہ گهٽي مقدار ۾ دستياب آهي.

پوءِ پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ ان دٻليءَ جي طرف ڏٺائون جيڪا مون هٿ ۾ جهلي رکي هئي. پُڇيائون هي توهان جي هٿ ۾ ڇا آهي؟ عرض ڪيم، جڏهن اسان کي الله عزوجل دشمنن تي غلبو ڏنو تہ اسان غنيمت جو مال گڏ ڪيو. حضرتِ سيّدُنا سلمہ بن قيس رضی اللہ تعالیٰ عنہ هي هار ڏنو تہ لشڪر کان پُڇيائون: جيڪڏهن هي هار توهان ۾ ورهايو وڃي تہ ڪنهن جي حصي ۾ ڪجهہ نہ ايندو. جيڪڏهن توهان خوشيءَ سان مون کي اجازت ڏئي ڇڏيو تہ مان هي هار اميرالمؤمنين رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي خدمت ۾ تحفي طور موڪلي ڏيان.سڀني چيو،ها ضرور موڪليو،اسان خوش آهيون. اهو چئي ڪري مون اها دٻلي سندن خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏي. جڏهن پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ ان کي ڏٺائون تہ سندن نظر ڳاڙهي،ڦڪي ۽ سبز رنگ جي چمڪندڙ ٻُڙن تي پئي تہ ڪاوڙ ۾ ڳاڙها لال ٿي ويا ۽ فرمايائون: هينئر جو هينئر وڃي ڪري هن هار کي مجاهدن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ ٻُڌو! **اڳتي ڪڏهن بہ ائين نہ ڪجو.** (ڪتبِ تاريخ)

الله عزوجل جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

آمين بجاه النبي الامين صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سبحان الله عزوجل! قربان ٿيون! اها آهي احساسِ ذميداري جو ايڏي وڏي سلطنت جي بادشاهي، سڀني مسلمانن جي پيشوائي، پر ان جي باوجود

www.dawateislami.net

پاڻ خود مهمانن جي خيرخواهيءَ جي نگراني، ڪاڌي ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ سادگي، نئين اچڻ واري جي حوصلي افزائي ۽ ملاقات ۾ عاجزي ۽ انڪساري، اسلامي سلطنت جي بهتريءَ جي لاءِ فڪرمندي، ماڻهن جي احوال کان آگاهي ۽ تحفي ملڻ تي ناراضگي.

**ڪاش**! اها حڪايت اسان جي اندر احساسِ ذميداري جو جذبو پيدا ڪري ڇڏي ۽ اسان بہ پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جو جذبو کڻي تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "**دعوتِ اسلامي**" جي مدني ڪمن کي بهتر انداز ۾ ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

# وقت جو قدر

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو**! جڏهن توهان پنهنجي اسلامي ڀائرن ۾ مدني ڪم جي اهميت جو احساس پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو تہ ان وقت هيءَ ڳالهہ تمام اهم هوندي تہ انهن ۾ **وقت جي اهميت** کي اجاگر ڪيو وڃي تہ جيئن اسان جا سڀئي مُعاملا وقت تي ٿي سگهن. جيڪڏهن وقت جي ضايع ٿيڻ جو احساس نہ ٿيو تہ تقسيم ڪاري، نعم البدل جي تياري وغيره جون سڀئي ڪوششون ضايع ٿي سگهن ٿيون.

هڪ تمام وڏو تعداد آهي جيڪو وقت جي اهميت کان بي خبر آهي ۽ هن نعمت (يعني وقت) کي فضول ڪمن ۾ برباد ڪندو آهي. پياري آقا صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جن جو فرمانِ

عاليشان آهي، “ٻہ نعمتون اهڙيون آهن جن ۾ ماڻهو گهڻي نقصان ۾ آهن تندرستي ۽ واندڪائي.” (مشڪوٰة المصابيح ، ڪتاب الرقاق ج3 ص 105 رقم 5155) ڪنهن ڪهڙو خوب چيو آهي تہ “سُتل کي جاڳائڻ آسان پر جاڳيل کي جاڳائڻ ڏکيو آهي.”

توهان ڪافي پيرا ڏٺو هوندو تہ ڪيترائي ماڻهو اٿڻ جي باوجود گهڻي دير تائين بِسترو ناهن ڇڏيندا، غسل خاني ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳائي ڇڏيندا آهن، ماني کائڻ وقت تمام گهڻو وقت وڃائيندا آهن، گهڻي دير تائين آئيني جي سامهون حاضري ڏيندا آهن، ڪٿي چانهہ پيئڻ وينا تہ فضول ۽ بيڪار گفتگو مثال طور ملڪي ۽ سياسي حالتن، ميچن تي تبصرن وغيره ۾ ڪافي وقت ضايع ڪندا آهن. اهڙن ماڻهن جي ٻہ گهڻائي ناهي ٻيڪي غيبت، چُغلي، موسيقي، بدگماني، دل آزاري، تهمت ۽ بهتان، گڏيل تفريح گاهن ۽ هوٽل، ٽي وي وغيره تي فلمون ڊراما، راند روند جا غير شرعي پروگرام ڏسي ڪري وقت جهڙي **عظيم نعمت** کي برباد ڪندا ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت جو نقصان ڪندا آهن. تنهن ڪري اسان کي وقت جي قدر ۽ اهميت کي ذهن ۾ رکي ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشنودي ۽ رضا جي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. پر آهہ!

دن لہو میں کھونا تجھے، شب صبح تک سونا تجھے
شرمِ نبی خوفِ خدا، یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں (حدائقِ بخشش شریف)

www.dawateislami.net

اسان جي بزرگن جي ويجهو وقت جي گهڻي اهميت هئي. جيئن ته

## صحابي رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي ندامت

رسولِ انور، محبوبِ ربّ اڪبر عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي جليل القدر صحابي حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن مسعود فرمائن ٿا:"مان ان ڏينهن تمام گهڻو شرمندو ٿيندو آهي جنهن ڏينهن ڪو نمايان ڪم سرانجام نه ڏئي سگهان ۽ منهنجي عمل ۾ ڪو اضافو ناهي ٿيندو.

(قيمة الزمن عندالعلماء (ترجمه وتلخيص)، ص 16)

## حيرت انگيز حادثو

حضرتِ سيّدُنا ثعلب نَحوِي عليه رحمة الله القوي جي وفات جو سبب اهو ٿيو جو پاڻ (رَحْمَةُاللہِ تعالیٰ عَلَیْہِ) جمعي جي ڏينهن ٽيپهريءَ کان پوءِ نڪتا، هٿ ۾ هڪ ڪتاب هُيو، جنهن کي رستي ۾ ڏسندي هلي رهيا هئا جو هڪ گهوڙي کين ٽڪر هنيو، جنهن جي ڪري ڪِري پيا، مٿي ۾ شديد ڌڪ لڳو، انهيءَ ئي حالت ۾ کين گهر پهچايو ويو ۽ ٻئي ڏينهن سندن انتقال ٿي ويو. (قيمة الزمن عند العلماء (ترجمه وتلخيص)، ص 24)

## مانيءَ جي بدران ڪيڪ جهڙو ڪاڌو کائيندا هئا

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عقيل عليه رحمة الله الجليل پنهنجي کاڌي جو وقت تمام معمولي رکندا هئا، ڪيڪ جهڙي سادي کاڌي کي مانيءَ جي نسبت ان لاءِ پسند فرمائيندا هئا جو مانيءَ جي چٻاڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو آهي.

www.dawateislami.net

(قيمة الزمن عندالعلماء (ترجمه وتلخيص)، ص 32)

حضرتِ سيّدُنا مُحَدّث ابنِ جوزي عليه رحمة القوي فُضُول ۽ بيهوده ڪمن ۾ وقت ضايع ڪرڻ وارن جي صحبت کان پناهه گهرندا هئا.

(قيمة الزمن عندالعلماء (ترجمه وتلخيص)، ص 36)

حضرتِ سيّدُنا امام شافعي عليه رحمة الله الغني فرمائن ٿا تہ مان صوفياءِ ڪرام (رحمهم الله) جي صحبت اختيار ڪئي. انهن جي ٻن جملن مان گهڻو فائدو حاصل ڪيو هڪ هي تہ "**اَلْوَقْتُ سُيُفُ فَاِنْ لَمْ تَقْطَعه قَطَعَک** يعني وقت اها تلوار آهي جيڪڏهن توهان ان کي نہ ڪٽيندؤ تہ هو توهان کي ڪٽيندو" ۽ ٻيو جملو "**نَفْسُکَ اِنْ شَغَلْتَهَا بِالْحَقّ وَاِلَّا شَغَلَتْکَ بِالْبَاطِل** يعني پنهنجي نفس کي حق سان مَشغول ڪريو، نہ تہ اهو توهان کي باطل سان مشغول ڪري ڇڏيندو." (ايضًا ص 15)

www.dawateislami.net

اسان جا علماءِ ڪرام وقت جي اهميت جو احساس بيدار ڪرڻ جي لاءِ **سورة العصر** بيان ڪندا آهن. جيئن تہ ٽيهين سيپاري ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

**وَالْعَصْرِ 0 اِنَّ الْاِنسَانَ لَفِیْ خُسْرٍ 0 اِلَّا الَّذِیْنَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقّ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ 0**

**ترجمو ڪنز الايمان:** ان محبوب زماني جو قسم بيشڪ انسان ضرور نقصان ۾ آهي پر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ هڪٻئي کي حق جي تاڪيد ڪئي ۽ هڪٻئي کي صبر جي تلقين ڪيائون.

**وَالْعَصْرِ 0 اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍ 0**

”**خزائن العرفان**“ ۾ بئي آيت جي تحت خليفهءِ اعليٰ حضرت، مفسرِ قرآن، صدرالافاضل مُفتي سيّد محمد نعيم الدّين مُراد آبادي عليه رحمة الله الهادي فرمائن ٿا: هن جي عمر جو جيڪو هن جو راس المال آهي ۽ اصل موڙي آهي اها هر وقت گهٽ ٿيندي ٿي رهي. **(خزائن العرفان ص 1082)**

امام فخرالدين رازي عليه رحمة الله الهادي جو قول آهي مون **سورة العصر** جو مطلب هڪ برف کپائيندڙ کان سمجهيو، جيڪو بازار ۾ صدا لڳائي رهيو هو تہ رحم ڪريو ان شخص تي جنهن جو سرمايو ڳري رهيو آهي، رحم ڪريو ان شخص تي جنهن جو سرمايو ڳري رهيو آهي ان جي اها ڳالهہ ٻُڌي ڪري مون چيو: اهو آهي جو مطلب، عمر جيڪا زندگي انسان کي ڏني وئي آهي اها برف جي ڳرڻ جيان تيزيءَ سان گذري رهي آهي، ان کي جيڪڏهن ضايع ڪيو وڃي تہ انسان جو نقصان ئي نقصان آهي. **(تفسير الكبير ج11 ص 278)**

www.dawateislami.net

## اميرِ اهلسنت دامت بركاتهم العاليہ ۽ وقت جو قدر

اسان جي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي دامت بركاتهم العاليه جن کي انتهائي گهٽ وقت ۾ تمام وڏي ڪاميابي نصيب ٿي ۽ دنيا جي چئن ئي پاسن ۾ سندن ديني خدمتن جي ڌوم مَتل آهي. ان جي سببن مان هڪ نمايان سبب **وقت جو قدر** بہ آهي.

پاڻ (دامت بركاتهم العاليه) پنهنجي ڏينهن رات کي هڪ مدني مقصد جي حصول جي لاءِ بهترين انداز ۾ تقسيم

فرمايو. نماز، اذڪار، اوراد ۽ وظائف، بيانات، مطالعو، روزن جو سلسلو، نفلن جي ڪثرت، مدني مشورا، مدني مذاڪرا، سَحَري،افطار، مريدين و محبين و متعلقين ۽ علماء و صلحاء سان ملاقات، تحقيقي ۽ ڏکين مسئلن ۾ مفتيانِ ڪرام جي مدد ۽ مشورا، خطن جا جواب، مريضن جي عِيادت، گهروارن جي ضرورت، ٻارن جي مدني تربيت، تحريري ڪم، سمهڻ، جاڳڻ، ذميدارن جي اصلاح جي لاءِ مختلف تحريرون، پُڇا ڳاڇا، خاطري، حوصلي افزائي، مستقبل جي مقصد جو فڪر ۽ روزمره واري زندگي جي بيشمار معمولات کي مختلف وقتن ۾ تقسيم ڪري ان تي استقامت سان عمل سندن معمول آهي. سندن ديني ۽ تنظيمي ڪاميابين ۽ ڪامرانين جو بهترين مثال(هي سٽون لکڻ تائين) 66 ملڪن ۾"**دعوتِ اسلامي**" جو پيغام ۽ 35 ڪان وڌيڪ شعبن جي قيام سان گڏوگڏ شهرهءِ آفاق عظيم تصنيف"**فيضانِ سنت**"،ٻارهن (12) رسالن جو مجموعو"**نماز جا احڪام**"،"**پردي جي باري ۾ سوال جواب**" ۽ مختلف فقهي، قبر، آخرت، طب ۽ ٻين سوين موضوعن تي سوين بيان ۽ مدني مذاڪرا ۽ هزارين صفحن تي مشتمل تحريري مواد به آهي. **الحمدلله عليٰ احسانه**

تو فيضانِ رضا الياس قادری

تو ضياء کی ضياء الياس قادری

www.dawateislami.net

وقت جي اهميت کي سمجهڻ جي لاءِ امير اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جو منفرد، انمول، جڳمڳ ڪندڙ رسالو “**انمول هيرا**” جو مطالعو فرمايو.

صلوا علي الحبيب! صلي الله تعالي عليٰ محمد

# وقت جي ذيان جا ڪجهہ مثال

﴿1﴾ هروڀرو ٽيليفون ( يا موبائل) جو استعمال

﴿2﴾ ماڻهن سان غير ضروري ميل جول

﴿3﴾ فضول ڳالهائڻ جي خراب عادت

﴿4﴾ پنهنجي روزمره جي معمولات جو جائزو نہ وٺڻ

﴿5﴾ اڪيلائي اختيار ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ

www.dawateislami.net

﴿6﴾ جلد بسترو نہ ڇڏڻ جو مرض

﴿7﴾ “وري ڪڏهن” وارو مزاج

﴿8﴾ پنهنجي ذات ۾ تنظيم جي گهٽتائي

﴿9﴾ پنهنجي جذبات تي قابو نہ هجڻ

﴿10﴾ آسپاس جي ماحول ۽ ماڻهن جي ذهني سطح کي سمجهڻ جي صلاحيت جو نہ هجڻ

﴿11﴾ هر ڪم کي هروڀرو پاڻ ئي ڪرڻ جو جذبو

﴿12﴾ ڪنهن کان ڪجهہ سکي ڪري يا ٻين جي تجربن کان فائدو حاصل ڪرڻ جي بدران هر شيءِ جو پاڻ تجربو ڪرڻ

﴿13﴾ مقبول بڻجڻ جو هروڀرو شوق

﴿14﴾ طئي ٿيل وقت تي ڪم ختم نہ ڪرڻ
﴿15﴾ دٻاءَ ۾ رهڻ
﴿16﴾ خواهہ مخواهہ پريشان رهڻ
﴿17﴾ وقت جي گهٽتائيءَ جي شڪايت ڪندو رهڻ وغيره.

## سُستي ۽ لاپرواهي

مدني ڪمن جي تقسيم جي بهترين ۽ عمده نتيجن جي حصول ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ سُستي ۽ لاپرواهي بہ آهي. ياد رکو! سُستي هڪ موذي يعني تڪليف پهچائڻ وارو مرض آهي جنهن کي پنهنجي ذات کان پري ڪرڻ بيحد ضروري آهي. هن مرض مان غير ذميداريءَ جي جراثيمن جي نشونما ٿيندي آهن، جنهن جي ڪري سخت تنظيمي نقصان جو انديشو رهندو آهي.

www.dawateislami.net

## توهان ئي ذميدار آهيو

هڪ شخص کي گهر جي رکوالي جي ذميداري ڏني وئي، هو رات جو ٻرندڙ چُلهو ڇڏي سمهي پيو. رات باهہ سڄي گهر کي ساڙي راک ڪري ڇڏيو. هاڻي جيڪڏهن اهو چئي تہ مان ڇا ڪيان ها مان تہ سُتو پيو هوس، مون کي ڪهڙي خبر باهہ ڪيئن لڳي وئي. يقيني طور تي ان جو اهو عذر قبول نہ ڪيو ويندو بلڪ ان کي ان ڳالهہ جو احساس ڏياربو تہ توهان اگ ۾ باهہ وسائي پوءِ سمهو ها. ڪاش! لاپرواهي ۽ سُستيءَ کان ڇوٽڪارو نصيب ٿي وڃي.

اللهم اني اعوذ بك من العجز والكسل. ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ مان ڪمزوري ۽ سُستيءَ کان تنهنجي پناهه طلب ڪريان ٿو.

آمين بجاه النبي الامين صَلَّى اللّٰه تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

# برابري

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اها ڳالهه قابلِ غور آهي جو مدني ڪم ۽ تنظيمي اختيارن ۾ برابريءَ جو هجڻ اٽل آهي. برابري نه هجڻ جي ڪري توهان جو ماتحت عدمِ اعتماد، جلد ٿڪاوٽ، **معاذاللّٰه** عَزَّوَجَلَّ بدديانتي ۽ زبردست ناڪاميءَ جو نمونو بڻجي سگهي ٿو. تنهن ڪري ضرورت موجب وسيلن ۽ اختيارن جو هجڻ تمام اهم عمل آهي. ان جي لاءِ توهان جي مناسب وقفي، نرمي ۽ شفقت، تدبير ۽ حڪمت سان مدني انداز ۾ پُڇاڳاڇا انتهائي فائديمند ثابت ٿيندي. ان شآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

www.dawateislami.net

# حوصلي افزائي

جن اسلامي ڀائرن ۾ توهان مدني ڪم تقسيم ڪيو، وقتًا فوقتًا انهن جي حوصلي افزائي ڪي پنهنجي عادت بڻايو. اسان جي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي انهيءَ **دلنشين انداز جي برڪت** آهي جو اڄ اسان ڪي هر طرف"**دعوتِ اسلامي**"سان لاڳاپيل لکين اسلامي ڀائر پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي مقدس جذبي جي تحت پنهنجي عمل ۾ مصروف نظر اچي رهيا آهن.

هڪ ڀيري ٻاهرين ملڪ دعوتِ اسلامي جي ڪنهن ذميدار پنهنجي مدني تحريڪ جي مفاد ۾ **بهترين ڪم** سرانجام ڏنو ته منهنجي شيخ طريقت، پيڪرِ علم و حڪمت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه نه صرف پاڻ انهن جي فون تي حوصلي افزائي فرمائي بلڪ ڪجهه ذميدارن کي به ائين ڪرڻ جو حڪم فرمايو. ان عمل سان نه صرف انهن جي حوصلي افزائي ٿي بلڪ مدني ڪمن جي رفتار ۾ به وڌيڪ اضافو ٿي ويو.

## اعتماد

جن اسلامي ڀائرن جي حوالي توهان مدني ڪم ڪيو آهي. انهن تي اهڙي طرح اعتماد فرمايو جو توهان جي ماتحت کي به ان ڳالهه جو بخوبي اندازو ٿئي ۽ پڻ انهن کي پاڻ ۾ مُشاورت سان فيصلا ڪرڻ جا به موقعا ڏيو. هرهر رخنو وجهڻ، تقسيم ڪاريءَ ۾ **نقصان جو باعث** بڻجي سگهي ٿي ۽ هن مُعاملي ۾ اهم ترين ڳالهه اها به آهي ته انهن جي راءِ کان اڳ ۾ پنهنجي راءِ يا فيصلي جو اعلان نه فرمايو. ان صورت ۾ توهان پنهنجي اسلامي ڀائرن جي راءِ کان محروم ۽ انهن جو اعتماد به مجروح ڪري سگهو ٿا.

الحمدلله عزوجل اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه کي هن مُعاملي ۾ انتهائي ڪامل ۽ اڪمل ڏٺو ويو آهي. شيخ طريقت دامت برڪاتهم العاليه سان ڪيترن ئي مدني مشورن ۾ شرڪت جي سعادت ماڻي ته اها ڳالهه بخوبي ڏٺي ته پاڻ ڪنهن موضوع کي بيان فرمائي ڪري سڀ کان اڳ ۾

www.dawateislami.net

اسلامي ڀائرن جي راءِ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش فرمائيندا آهن پوءِ انهن جي مشورن جي مثبت ۽ منفي حصن تي غور ڪري پوءِ ڳالهائيندا آهن پوءِ ضرورت موجب پنهنجي تجويز بيان فرمائيندا آهن. اهڙيءَ طرح هر اسلامي ڀاءُ کي محسوس ٿيندو آهي ته اهو مدني ڪم اسان جي مشوري سان شروع ٿيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح **اعتماد جي فضا** قائم ٿي ويندي آهي.

## توهان جو تعاون

جيڪو مدني ڪم توهان حوالي ڪيو آهي، ٿي سگهي ٿو ته اسلامي ڀائرن کي ان مُعاملي ۾ توهان جي شروع ۾ تمام گهڻي مشاورت جي ضرورت پوي، تنهن ڪري جيڪڏهن توهان وقت نه ڏنو ته ٿي سگهي ٿو ته اهي همٿ هاري ويهن يا ڪا وڏي غلطي ڪري ويهن. ان لاءِ توهان کي وڏن پريشانين کان بچڻ جي لاءِ پنهنجي ماتحت اسلامي ڀائرن کي **وقت ڏيڻو** ئي پوندو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي شوريٰ ۽ ڪابينات ۽ مجالس جا شروع وارا ڏينهن ياد آهن جن ۾ امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي اڻ ڪٿ مصروفيتن کي ڇڏي اسان کي مسلسل مدني مشورن سان نوازيو. رات ڏينهن پاڻ پنهنجي تجربن ۽ مشورن کي منتقل ڪرڻ ۾ صرف ڪري ڇڏيائون ۽ اڄ به اهم ترين مُعاملن ۾ سندن دستيابي اظهر من الشمس (يعني سج جيان روشن) آهي. يقيني طور تي امير

www.dawateislami.net

اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه تقسيم ڪاري ۽ ان جي گُهرجن کي سمجهڻ ۽ پورو ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

اب میری نگاہوں میں جچتا نہیں کوئی
جیسے میرے عطار ہیں ایسا نہیں کوئی

# تجربو بہ ٿي ويندو آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهو ضروري ناهي تہ شروع ۾ توهان کي توهان جي معيار جا اسلامي ڀائر ملي وڃن، اوهان جي نرمي، محبت ۽ شفقت ۽ مدني تربيت ۽ انهن جي اطاعت ۽ صلاحيت ۽ ڏُن هڪ نہ هڪ ڏينهن انهن کي نہ صرف تجربيڪار بلڪ معيار ڏانهن بہ ڪٽي ايندي.

www.dawateislami.net

ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ

# آسان وضاحت

**مدني ڪمن** جي تقسيم جو انداز ايتريقدر واضح ۽ آسان هجي جو توهان جي اسلامي ڀائرن کي انهن مُعاملن کي پورو ڪرڻ لاءِ هرهر توهان جي خدمت ۾ حاضري نہ ڏيڻي پوي. جيڪڏهن ائين نہ ٿئي تہ توهان اڳ جيان مصروف ۽ آهستي آهستي ان ڪم ۾ ايتريقدر شامل ٿي ويندا جو اڻ سڌي طرح اهي ڪم توهان جي ذمي ئي اچي ويندا. تنهن ڪري نهايت ئي واضح، آسان ۽ مؤثر انداز ۾ مدني تقسيم ڪريو.

توهان جن اسلامي ڀائرن کي جنهن شعبي جي ذميداري حوالي ڪري رهيا آهيو، انهن کي ان شعبي جي باري ۾ ڪهڙي معلومات آهي، اڳ ۾ ان کي ڪنفرم ڪريو، ڇوته جيڪڏهن توهان اهو خيال ڪيو ته ان ڪم جي حوالي سان توهان جي ۽ انهن جي ذهني سطح برابر آهي ته اها شايد غلط فهمي هوندي. توهان کي انهن جي تفهيم جي لاءِ ابتدائي نڪتن سان مدني تربيت جو آغاز ڪرڻو پوندو ۽ پڻ جيڪي مدني نتيجا گهربل آهن،انهن جي واضح لفظن ۾ وضاحت فرمايو، مثال طور هدف ۽ ان جي تڪميل جي مدت، طريقيڪار ۽ اختيارن ۽ ڪهڙن ڪهڙن مدني ڪمن جو ڪڏهن ڪڏهن ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان جي ڪارڪردگي ماتحتن ڪان وٺي ۽ نگران کي پيش ڪرڻ جو طريقيڪار ڇا هوندو؟ پوءِ انهن جي زباني انهن سڀني ڳالهين کي ٻڌي به وٺو ته جيئن جيڪا ڪجهه گهٽتائي هجي اها هٿوهٿ پوري ٿي سگهي.

www.dawateislami.net

## فائدي جي بدران نقصان

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيني طور تي مدني ڪمن کي تقسيم ڪرڻ ۾ فائدا ئي فائدا آهن پر ڪجهه مُعاملا اهڙا به آهن جن جي ڪرڻ سان فائدن جي بدران نقصانن جو امڪان ٿي سگهي ٿو، مثال طور

﴿1﴾ ڪنهن کي ان جي طاقت ۽ همٿ کان وڌيڪ ڪم ڏيڻ.

﴿2﴾ مدني مشورن جو نه ٿيڻ يا وڏي عرصي کان پوءِ ٿيڻ جي نتيجي ۾ پُڇا ڳاڇا جي نظام جو ڪمزور ٿيڻ.

﴿3﴾ پنهنجي اسلامي ڀاءَ تي هرويرو تنقيد، ٽوڪ ۽ دل آزاري ڪرڻ وارو رويو اختيار ڪرڻ.

﴿4﴾ هدف، ان جي تڪميل جي مدت ۽ صلاحيتن کي ذهن ۾ رکڻ کان سواءِ تقسيم ڪاري ڪرڻ.

﴿5﴾ پنهنجي مدني مشورن ۾ ڪنهن ذميدار جي غلطيءَ کي هدف بڻائي ڪري هرهر ان کي شرمندو ڪرڻ.

﴿6﴾ پُڇا ڳاڇا ۽ مدني تربيت جهڙي اهم مدني ڪم کي ڪنهن غير تربيت يافته جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏڻ.

﴿7﴾ پنهنجي ماتحت ذميدار سان انفرادي يا اجتماعي ملاقات ۾ بداخلاقيءَ جو مظاهرو ڪرڻ.

## تقسيم ڪاريءَ جي مضبوطيءَ جو بهترين ذريعو

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رهي! ته بداخلاقي تقسيم ڪاريءَ جي ڀلائيءَ واري عمل کي سخت نقصان پهچائي ٿي. اها ڳالهه اوهان بخوبي ڄاڻو ٿا ته دينِ اسلام جي عروج ۽ ترقي ۽ واڌ ۽ اضافي ۽ اشاعت ۾ حُسنِ اخلاق جون بهارون شامل آهن. اسان جي پياري پياري آقا، مڪي مديني جي مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو پنهنجي صحابهءِ ڪرام علیهم الرضوان سان اهڙو شفقت ۽ محبت ڀريو مبارڪ رويو هو جو صحابهءِ ڪرام علیهم الرضوان نهايت چاهت، الفت ۽ رغبت سان آقا صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو سونپيل ڪم شوق ۽ جذبي سان بهتر انداز ۾ ڪرڻ جي لاءِ هر وقت بيقرار رهندا هئا. تنهنڪري حُسنِ اخلاق کي اختيار ڪرڻ، تقسيم ڪاريءَ

جي عمل کي مضبوط ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي. ان جي اهميت کي سامهون رکندي ثواب جي نيّت سان ڪجھ آيتون،روايتون ۽ حڪايتون توهان جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو.

سرڪارِ والا تبار، شهنشاھِ ابرار، مڪي مديني جي سردار، بعطاءِ پروردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي اخلاقِ ڪريمہ جي تعريف ۽ توصيف ڪندي قرآنِ پاڪ جي اٺتيهين سيپاري سورهٔ قلم جي آيت 4 ۾ ارشاد ٿئي ٿو :

وَاِنَّکَ لَعَلٰی خُلُقٍ عَظِیۡمٍ

ترجمو ڪنز الايمان : ۽ بيشڪ تون نهايت عظيم اخلاق جو مالڪ آهين.

هن آيتِ مبارڪہ جي تحت "**خزائن العرفان**" ۾ آهي تہ ام المؤمنين حضرتِ سيّدَتُنا عائشہ صديقہ رضی اللہ تعالٰی عنہا کان معلوم ڪيو ويو تہ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہا فرمايو، "سيدِ دو عالم، نُورِ مُجَسّم، سراپا جود و ڪرم صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو **خلق قرآن آهي.**"

تیرے خُلق کو حق نے عظیم کہا تری خِلق کو حق نے جمیل کہا
کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہوگا شہا تیرے خالقِ حسن و ادا کی قسم (حدائقِ بخشش شریف)

ايتريقدر اعليٰ ترين اخلاق جا مالڪ هجڻ جي باوجود سرڪار صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم هيءَ دعا فرمائيندا هئا.

اَللّٰھُمَّ اَحْسَنْتَ خَلْقِیْ فَاَحْسِنْ خُلُقِیْ

**ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ تون منهنجي صورت تہ سني ٺاهي آهي منهنجا اخلاق بہ سٺا ڪري ڇڏ.

www.dawateislami.net

(المسند لامام احمد بن حنبل، مسند عبدالله بن مسعود الحديث 3823، ج2 ص 66)

# رسالت جو مقصد

رَحۡمَتِ عَالَمۡ، نُورِ مُجَسّم، رسولِ مُڪَرَم، سراپا جُود و ڪرم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمائن ٿا تہ الله تعالى مون کي مڪارمِ اخلاق (يعني اخلاق جي خوبين) ۽ محاسنِ افعال (يعني سهڻن ڪمن) جي تڪميل (يعني مڪمل ڪرڻ) جي لاءِ رسول بڻائي موڪليو. (المعجم الاوسط ، الحديث 6895، ج5 ص 153)

# نيڪي حسنِ اخلاق جو نالو آهي

رحمتِ عالم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن ارشاد فرمائن ٿا تہ "البر حسن الخلق يعني نيڪي حُسنِ اخلاق جو نالو آهي.
(صحيح مسلم، ڪتاب البر والصلة والادب، باب تفسير البر الاثم الحديث 2553 ص 1382)

www.dawateislami.net

# اخلاقِ حسنہ

الله تبارڪ و تعالى قرآنِ پاڪ ۾ پنهنجي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهُ عَنِ الۡعُيُوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي انهن اخلاقِ حسنہ جو بيان فرمائي ٿو جن جي بَرَڪت سان صحابهءِ ڪرام عليهم الرضوان، پاڻ سڳورن صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي ويجهو رهڻ ۽ ارشاداتِ عاليہ تي عمل ڪرڻ پسند ڪندا هئا، جيئن تہ چوٿين سيپاري سورهءِ آلِ عمران آيت 159 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَبِمَا رَحۡمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنۡتَ لَهُمۡ وَلَوۡ كُنۡتَ فَظًّا غَلِيۡظَ الۡقَلۡبِ لَانۡفَضُّوۡا مِنۡ حَوۡلِكَ

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ ڪهڙي نہ الله جي مهرباني آهي جو اي محبوب توهان انهن لاءِ نرم ٿيؤ ۽ جيڪڏهن توهان سخت مزاج ۽ سخت دل هجو ها تہ هو ضرور توهان وٽان ٿري پکڙجي وڃن ها.

هن آيتِ ڪريمہ مان اندازو لڳايو تہ جيڪڏهن اسان اسلامي ڀائرن سان بدسُلوڪي ۽ بد اخلاقي، ڳالهہ ڳالهہ تي انهن جي توهين ۽ تذليل ڪريون، نہ مشورو وٺون ۽ نہ ئي حوصلي افزائي ڪريون تہ ماتحت اسلامي ڀائر ڪهڙي طرح مدني ڪمن ڪي شوق سان ڪري سگهندا.

سيّدي اعليٰ حضرت، عظيم البرڪت، مجددِ دين و ملت، پروانهءِ شمع رسالت، عاشقِ ماهِ نُبُوَّت، باعثِ خير و بَرَڪت، الحاج، الحافظ، الشاه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن "حدائقِ بخشش" شريف ۾ ڪيئن خوب فرمائن ٿا.

دشمنوں کی آنکھ میں بھی پھول تم
دوستوں کی بھی نظر میں خار ہم

## هلڪي ڦلڪي عبادت

رحمت واري آقا،مڪي مديني واري مصطفيٰ، سيني جي حاجت روا ۽ مشڪل ڪشا صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو فرمانِ دلشين آهي:"ڇا مان توهان کي آسان ترين ۽ جسم جي لاءِ هلڪي ڦلڪي عبادت نہ ٻُڌايان؟ اها آهي، "**خاموشي ۽ حسنِ**

www.dawateislami.net

اخلاق." (الصمت لابن ابي دنيا، الحديث 27ج 7 ص 47)

## الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب ٻانهو

هڪ روايت ۾ هن ريت آهي ته سرڪار صَلَّى اللّٰه تعالىٰ عليه واٰله وسلم جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو ويو ته يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰه تعالىٰ عليه واٰله وسلم ٻانهن مان الله تعالیٰ کي سڀ کان وڌيڪ محبوب ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون، "**جيڪو اخلاق ۾ سڀني کان سٺو آهي**." (صحيح ابنِ حبان الحديث 486 ج1 ص 352)

## دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تعالىٰ عليه واٰله وسلم

رحمتِ عالم، نبيءِ مڪرم، حبيبِ ربّ اڪرم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰه تعالىٰ عليه واٰله وسلم هيءَ دعا فرمائيندا هئا. "**اللّهم اني اعوذ بک من الشقاق والنفاق و سوءِ الاخلاق ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ مان تنهنجي پناهه گهران ٿو مُنافَرت (يعني ماڻهن کان نفرت ڪرڻ)، منافقت ۽ بُري اخلاق کان." (سنن ابي داود ڪتاب الوتر، باب في الاستعاذة، حديث1546، ج2 ص 130)

## سڀئي ڀلايون ۽ سڀئي برايون

هنن آيتن ۽ حديثن جي وضاحت مان اندازو لڳايو ته سڀ جون سڀ ڀلايون حُسنِ اخلاق ۾ ۽ سڀ جون سڀ بُرايون بداخلاقي ۾ لڪل آهن. جهڙيءَ طرح حُسنِ اخلاق جي ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ محبت پيدا ٿيندي ۽ عزّت ملندي آهي اهڙيءَ طرح بداخلاقي ماڻهن جي نظر کان ڪيرائي ڇڏيندي ۽ بي عزّتي ڪرائيندي آهي. هاڻي جيڪو (نادان) ذميدار ماتحت جي نظرن ۾ ڪري پوي ته اهو ڀلا

www.dawateislami.net

ڪهڙي طرح تقسيم ڪاريءَ جا ڀرپور نتيجا حاصل ڪري سگهندو. تنهن ڪري نگران ۽ ذميدار کي هر ان عادت کان پاسو ڪرڻ گهرجي جنهن سان ان جي ماتحت اسلامي ڀائرن ۾ نفرت ڦهلجي وڃي ۽ اهي ڀَڄي وڃن يا ان جي ڳالهه صرف منصب ۽ دنياوي مطلبن ۽ مقصدن جي حصول جي لاءِ مڃين. جيڪڏهن ائين ٿيو ته اسان "**دعوتِ اسلامي**" جي مدني ڪمن جي روحاني بَرَڪتن کام محروم ۽ استقامت وڃائي سگهون ٿا.

**اي ڪاش!** اسان کي فرائض و واجبات ۽ سنن و مستحبات سان گڏ حُسنِ اخلاق جون بَرَڪتون ۽ زبان جو قفلِ مدينہ نصيب ٿي وڃي. اسان بُردبار ۽ باوقار بڻجي اسلامي ڀائرن ۾ مدني ڪمن جي تقسيم ۽ ان جي گُهرجن کي بجا آڻيون ته دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي ترقين جون اهي مدني بهارون ڏسڻ نصيب ٿينديون جو اسان جون اکيون ٺريون ٿي وينديون. ان شآء الله عَزَّوَجَلَّ

رفتار کا، گفتار کا، کردار کا دے دے

ہر عضو کا دے مجھ کو خدا قفلِ مدینہ

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

## تقسيم ڪاريءَ جو عمل حسنِ اخلاق کانسواءِ ڪامل نہ ٿيندو

تقسيم ڪاريءَ جي عمل کي ڪاميابيءَ کان همڪنار ڪرڻ جي هڪ گهرج اها بہ آهي تہ جنهن کي مدني ڪم

www.dawateislami.net

حوالي ڪيو پيو وڃي ان ڪي نہ صرف ان مدني ڪم بلڪ ان تقسيم ڪرڻ واري سان بہ پيار ۽ محبت هجي ۽ يقيناً اهو حُسنِ اخلاق کانسواءِ ممڪن ناهي. آہ!ڪاش! اهڙو ڪرم ٿئي جو اسان کي خُلقِ عظيم مان حصو نصيب ٿي وڃي.

میری عادتیں ہوں بہتر بنوں سنتوں کا پیکر
مجھے متقی بنانا مدنی مدینے والے (صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم)
تری سنتوں پہ چل کر مری روح جب نکل کر
چلے تم گلے لگانا مدنی مدینے والے (صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم)
یہ کرم بڑا کرم ہے ترے ہاتھ میں بھرم ہے
سرِ حشر بخشوانا مدنی مدینے والے (صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم)

(مغیلانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

www.dawateislami.net

**صلوا على الحبيب! صلى الله تعالىٰ علىٰ محمد**

## بلند حوصلو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ۾ اهو حوصلو هجڻ گهرجي جو توهان جو ماتحت جيڪڏهن ڪا غلطي ڪري تہ ان کي نظر انداز ڪري ڇڏيو يا وري ان تي هٿڻ بدران پنهنجي مٿان ڪڻو. جيڪڏهن پنهنجي اندر ان طرح جو حوصلو پيدا ڪيو تہ توهان ڏسندؤ تہ توهان هر دل عزيز بڻجي ويندؤ ۽ ماتحت اسلامي ڀائر خود اعتمادي حاصل ڪري ازخود غلطين کان احتياط ڪرڻ لڳندا.

ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ

ترا خلق سب سے اعلیٰ ترا حسن سب سے پیارا
فدا تجھ پہ سب زمانہ مدنی مدینے والے (صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم)
اے حبیب رب باری ہے گنہ کا بوجھ بھاری
تمہیں حشر میں چھڑانا مدنی مدینے والے (صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم)
میں اگرچہ ہوں کمینہ ترا ہوں شہہ مدینہ
مجھے سینے سے لگانا مدنی مدینے والے (صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم)
یہ مریض مر رہا ہے ترے ہاتھ میں شفاء ہے
اے طبیب! جلد آنا مدنی مدینے والے (صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم)

www.dawateislami.net

امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جو هي ارشاد پنهنجي ذات ۾ نافذ ڪري ڇڏيو، ”جيڪا ڪار روڊ تي هلندي آهي ان ڪي ئي حادثو پيش ايندو آهي. جيڪو گهوڙو ڀڄندو آهي اهو ئي ڪِرندو آهي،“ ”اهڙيءَ طرح جيڪو ڪم ڪري ٿو اهو ئي غلِطي ڪري ٿو.“ توهان شفقت ڀريو نرم انداز ئي اپنايو.

## بقا جا انمول موتي

جيڪڏهن توهان واقعي اسلامي ڀائرن مان مدني فائدا حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهيو، ۽ انهن جي صلاحيتن جو جائزو ۽ مدني مرڪز جي سونهري اصولن جي مطابق انهن جي مدني تربيت ڪرڻ ٿا چاهيو ته پنهنجي شخصيت واري رعب کان هٽي ڪري مدني ڪمن جي مطلب ۽ مقصد کي سامهون رکي انهن سان مدني مرڪز جي ڏنل جدوَل جي

مطابق وقت گذاريو. انهن کان تنظيمي مُعاملن تي سوال ڪريو ۽ انهن جا مسئلا ٻُڌو، جيتوڻيڪ انهيءَ عمل ۾ انتهائي نفس ڪُشي ۽ مَشَقَّت ته آهي پر موتي به انهيءَ ٿوبوءَ کي ملندا آهن جيڪو سمنڊ جي تري ۾ ويندو آهي. منهنجي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي هڪ مڪتوب جو خلاصو پيشِ خدمت آهي.

جيئن ته فرمائن ٿا: "ناياب موتي ٿوبوءَ کي ئي ملندا آهن، پاڻيءَ جي مٿان اپرندڙ نمائشي بُلبُلن جي صرف نظارن مان ڪجھ حاصل ناهي ٿيندو، توهان گهرائيءَ ۾ ويندؤ ته ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي بقا جا **انمول موتي** حاصل ڪندؤ." (از مڪتوب اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه)

www.dawateislami.net

## پنهنجي ذمي به ڪجھ ڪم رکندا پوندا آهن

منهنجا اهي اسلامي ڀائر! جن جي ذمي شوريٰ ۽ ڪابينات جي رڪنيت جي اهم ذميداري آهي، هن ڳالھ کي سمجھڻ جي ڪوشش فرمائين ته توهان جيڪو مدني ڪم تقسيم ڪرڻ چاهيو ٿا ۽ ان جي لاءِ ڪو مناسب اسلامي ڀاءُ نظر نه ٿو اچي ته ان کي في الحال پنهنجي ذمي ئي رکو. جو ته جيڪڏهن وڪيل کي ڊاڪٽري سونپي ڇڏيندؤ ته انجام توهان پاڻ ئي سمجھي سگھو ٿا، تنهن ڪري صرف پنهنجو بوجھ گھٽ ڪري ٻين جي ڪلهي تي وزن وجهي ڇڏڻ جو نالو تقسيم ڪاري ناهي بلڪ اهو ته هڪ **مطلب جو حصول** آهي.

# مدني اصولن جي پاسداري

مدني تحريڪ جي مدني اصولن جي پاسداري توهان جي ئي ذميداري آهي. هر هڪ کي تبديليءَ جو اختيار نہ ٿو ڏئي سگهجي. **قاعدن** ۽ **اصولن جي پاسداري** ڪنهن بہ تحريڪ يا اداري جي لاءِ انتهائي اهميت جي حامل هوندي آهي تنهن ڪري ان جي پاسداري بہ انتهائي اهم آهي. اصول جي باري ۾ امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي هڪ مڪتوب جو خلاصو پيش ڪريان ٿو.

جيئن تہ فرمائن ٿا: “دعوتِ اسلامي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ عمل جي ميدان ۾ آئي آهي ۽ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ قلت ۽ ڪثرت جي ڪا حيثيت ناهي. زهي نصيب! اخلاص،اخلاق ۽ اصلاح ۽ تقويٰ جو نور ملي وڃي تہ پوءِ اهو نور ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ مايوسين ۽ غمن واري پهاڙن کي ڏاري ڇڏيندو. **ڪاش!** اسان جي نظر “اسباب” جي بدران خالقِ اسباب تي ئي رهي. اصولن تي ثابتِ قدم رهڻ ۽ پنهنجي ضمير جو سودو نہ ڪرڻ ئي اسان جي بزرگن رحمهم الله تعاليٰ عليهم اجمعين جو معمول رهيو آهي.”

(از مڪتوبِ اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه)

جن اسلامي ڀائرن ۾ توهان براهِ راست مدني ڪم ورهايا آهن انهن جا حوصلا بلند رکڻ بہ اوهان جي ذميداري آهي. ان ڪم کي ڪنهن اسلامي ڀاءَ جي حوالي نہ ڪريو.

www.dawateislami.net

# اهم ڪم

اسان کي اسان جو مدني مرڪز ڪجهه اهڙا اهم ۽ حُساس مدني ڪم حوالي ڪندو آهي جو اهي اسان کي ئي ڪرڻ مناسب هوندا آهن. انهن اهم ترين معاملن کي تفويض (يعني ڪنهن جي حوالي) ڪرڻ سان نه صرف مدني مرڪز جو اعتماد مجروح بلڪه "**دعوتِ اسلامي**" کي به ناقابلِ تلافي نقصان جو انديشو آهي. خاص طور تي اسان جي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه ڪان براهِ راست ملڻ واري مبارڪ ڪم کي ته انتهائي سعادت مندي تصور ڪندي، انهن جي توقعات ڪان وڌيڪ اجان بهتر انداز سان ڪري انهن جي معلوم ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ئي جيڪڏهن ممڪن هجي ته ڪارڪردگي بنفسِ نفيس حاضر ٿي ڪري پيش ڪرڻ، دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون جمع ڪرڻ جي برابر آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي توفيق نصيب ڪري ۽ جيڪڏهن حوالي ڪيل ڪمن ۾ ڏکيائي پيش اچي ته پوءِ جلدي حاضر ٿي ان جي حل جي صورت ڪڍو نه ته جيڪڏهن خدانخواسته مدني ڪم نه ٿيو يا دير جو شڪار ٿيو ته ڪٿي بربادي اسان جو مقدر نه بڻجي وڃي. آه!

سدا پیرو مرشد رہیں مجھ سے راضی
کبھی بھی نہ ہوں یہ خفا یا الٰہی (عزوجل)

(والله تعاليٰ اعلم و رسوله اعلم عَزَّوَجَلَّ و صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم)

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

www.dawateislami.net

## اهم ذميداريون

توهان جي اهم ذميداري جي ڪري جن اسلامي ڀائرن جو براهِ راست توهان سان تعلق آهي، انهن جي جدا جدا ڪارڪردگي وٺڻ، براهِ راست مُعاونت ڪرڻ ۽ انهن جي حوالي ڪيل مدني ڪمن کي پاءِ تڪميل تائين پهچائڻ جي لاءِ يادگيري ۽ مناسب وقفي سان پُڇا ڳاڇا (FOLLOW UP) ڪرڻ، توهان جي اهم ذميداري آهي، اهو ڪم ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪرڻ ڪنهن بہ صورت ۾ مناسب ناهي.

## حوصلہ شڪني جي نحوست

ڪنهن ماهرِ نفسيات جو چوڻ آهي تہ مان هڪ اهڙي شخص کي ڄاڻان ٿو جيڪي نهايت شاندار ڪم سرانجام ڏئي سگهندو هو پر هو زندگي ڀر ڪو نُمايان ڪم رُڳو ان ڪري نہ ڪري سگهيو جو جڏهن هو ٻار هيو تہ هرهر ان جي حوصلہ شڪني ڪئي ويندي هئي ۽ ان کي بي وقوف آهين، احمق آهين، جي آوازن سان واسطو پوندو رهندو هو. ان جو بيان آهي تہ جڏهن ڪو اهم ڪم ان کي ملندو هو تہ ان جي مايوسيءَ جي تصوير ان جي ذهن جي پردي ۾ نقش ٿي ويندي هئي ۽ هو ائين محسوس ڪندو هو تہ هو ان جي اهليت ۽ قابليت نہ ٿو رکي. اهڙي طرح حوصلہ شڪني جي نُحُوست جي ڪري هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو نُمايان ڪم نہ ڪري سگهيو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهي نادان ذميدار جيڪي پنهنجي ماتحتن جي حوصلي افزائي ڪرڻ بدران حوصلہ

www.dawateislami.net

شڪني (يعني تنقيد) ڪندا آهن. انهن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي ڇوتہ ائين نہ صرف اسلامي ڀائرن جون صلاحيتون ضايع ٿي وينديون بلڪ تقسيم ڪاريءَ جو عمل بہ گهڻو متاثر ٿيندو آهي. ظاهر آهي جڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءَ جي خود اعتماديءَ جو ڏيئو وسامي ويندو تہ هو ڪهڙيءَ طرح توهان جي سونپيل مدني ڪمن کي سهڻي ۽ بهتر نموني بَروقت سرانجام ڏئي سگهندو. تنهن ڪري اسلامي ڀائرن جي حوصلي افزائي اهڙي طرح ڪريو جو هو پاڻ خود اعتمادي حاصل ڪري توهان جي سونپيل مدني ڪمن کي خوب عمدگيءَ سان بجا آڻي سگهن.

## خود اعتماديءَ جي فضا

www.dawateislami.net

سمنڊ جي ڪناري تي هڪ جهوپڙي واقع هئي ۽ سج لهڻ جو وقت هيو. لهندڙ سج اونداهيءَ ۾ ٻُڏندڙ دنيا کان پُڇيو"آهي ڪو جيڪو منهنجي جاءِ وٺي سگهي؟" انهيءَ خاموشيءَ ۾ جهوپڙيءَ ۾ ٻرندڙ ڏيئي چيو، **"ها مان ڪوشش ڪندس."**

ياد رهي! جيڪڏهن توهان واقعي اسلامي ڀائرن جي صلاحيتن مان فائدو حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي اندر خود اعتمادي پيدا ڪرڻ ٿا چاهيو تہ انهن جي شخصيت کي اجاگر ڪرڻ ۽ لڪل صلاحيتن جا دروازا کڙڪائڻ جي ڪوشش ڪندا رهو. ان سلسلي ۾ انهن جي غير موجودگيءَ ۾ بہ انهن جي جائز تعريف ڪريو. **ڪامياب نگران پنهنجي نمايان ڪارڪردگي جو موڙ پنهنجي ماتحت جي مٿي تي**

**ٻُڌندو آهي.**

منهنجي عظيم قائد، رهنما، رهبر، شيخ طريقت، امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي عادت مبارڪ آهي جو پاڻ اسلامي ڀائرن جي حوصلي افزائي جي لاءِ هر دم تيار رهندا آهن ڪو اسلامي ڀاءُ ڪهڙي ئي پريشانيءَ جي لاءِ حاضر ٿئي، پاڻ ڪجهه **حڪمت وارن جملن** جي ذريعي ان کي **خود اعتماديءَ جو پهاڙ** بڻائي ڇڏيندا آهن. سندن هي جملو اڪثر ٻُڌو آهي ته "**توهان سمجهدار آهيو،توهان پاڻ ڪري وٺندؤ.**" ڪڏهن ڪڏهن فرمائيندا آهن "**توهان پاڻ ڪري وٺو جيڪڏهن نه ٿئي ته مان حاضر آهيان**" ان طرح ٻُڌڻ واري کي حوصلو ملندو آهي ۽ جڏهن اهو محسوس ڪندو آهي ته منهنجي وڏن کي مون تي **اعتماد** آهي ته اهو ان مدني ڪم کي بهتر انداز سان ڪرڻ جي لاءِ پوري جان جو زور ڏئي ڇڏيندو آهي.

ائين به ٿيو آهي جو ڪو اسلامي ڀاءُ مدني ڪم جي انجام ڏيڻ ۾ غلطي ڪري ويو. پر منهنجي آقا، شيخ طريقت دامت برڪاتهم العاليه اتي به حوصلي افزائي جا اهڙا مثال قائم فرمايا جو انهن منظرن کي ڏسي ڪري اکيون روئڻهارڪيون ٿي ويون. پاڻ اڪثر فرمائيندا آهن "**جيڪا گاڏي روڊ تي هلندي آهي ان کي حادثو پيش ايندو آهي.**"

## صلاحيتن جي مطابق تقسيم

حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ تعالٰی عنہ جي ڪم ڪرڻ جو انداز يقينًا ڪامل ۽ اڪمل هيو. پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ جي ذيل اصولن تي عمل اڄ به جاري آهي، پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ فرمائن

www.dawateislami.net

ٿا،"ڪو اهڙو ڪم ڪنهن اهڙي شخص جي حوالي نہ ڪيو وڃي جنهن جي ڪرڻ جو ان کي شوق نہ هجي ۽ جنهن جي باري ۾ هو مڪمل طور تي مطمئن نہ هجي (سواءِ مجبوريءَ جي) تہ جيئن ڪارڪردگي بهتر ٿئي."

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** تقسيم ڪاريءَ جي عمل کي بهتر بڻائڻ ۽ ان مان بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ جي لاءِ هڪ ٻي **اهم ڳالهہ** اها آهي تہ صلاحيتن جي مطابق تقسيم ڪئي وڃي. يعني اسلامي ڀائرن جي دلچسپي، تجربن ۽ قابليت جي مطابق مدني ڪم انهن جي حوالي ڪيو وڃي. تہ جيئن مدني نتيجن جي بهتري سان گڏوگڏ ان جي تنظيمي صلاحيتن کي بہ مدني نکار نصيب ٿئي.

www.dawateislami.net

## نهر جو وهڪرو

هڪ نهر تيزيءَ سان وهندي پر وارن ڳوٺن ۾ تباهي مچائي رهي هئي. ڳوٺ وارن کي ان ڳالهہ جو يقين ٿي ويو تہ جيڪڏهن وهڪري جو اهو حال رهيو تہ سڀ برباد ٿي ويندا سين. ان مسئلي کي حل ڪرڻ جي لاءِ ڳوٺ ۾ ٽي ٽولا ٺي ويا. پهرين ٽولي پنهنجي سڄي قوت ۽ وسيلا پاڻيءَ جي وهڪري کي روڪڻ ۾ صرف ڪري ڇڏيا پر ڪاميابي حاصل نہ ٿي سگهي ڇو تہ اهي پاڻيءَ کي هڪ جڳهہ کان روڪيندا هئا تہ ٻئي پاسي کان وهڻ لڳندو هو، پريشر جي ڪري اجا بہ گهڻي تباهي ٿيندي هئي.

ٻئي ٽولي اهو طئي ڪيو تہ ان جو سرچشمو (يعني جتان بند ٽٽو آهي) ڳوليو وڃي تہ جيئن ان کي بند ڪرڻ سان

هن نهر جو زور گهٽ ٿئي ۽ نقصان کان محفوظ رهي سگهجي. بند ته ملي ويو پر هڪ نيڪال بند ڪيو ويندو هو ته ٻئي نيڪال مان پاڻي خارج ٿيڻ لڳندو هو ۽ اهڙيءَ طرح نهر جي تباهه ڪارين جو سلسلو جاري رهيو.

ٽئين ٽولي جو مدني ذهن ٻڌيل هو، ان ٻنهي ٽولين کان عبرت حاصل ڪئي، نه نهر کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي نه ئي نيڪال کي بند ڪيو بلڪه انهن ان نهر جي وهڪري کي منشا موجب رستي تي لڳائي ڪري ان جو رخ غيرآباد زمينن ۽ پوک جي لائق زمينن ڏانهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ جڳهه جڳهه تي ضرورت جي لاءِ پاڻي جا تلاءَ ٺاهي ڇڏيا نتيجو اهو نڪتو جو سڄي زمين سرسبز ٿي وئي ۽ هر طرف **خوشحالي ئي خوشحالي** اچي وئي.

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهڙيءَ طرح اسان کي به اسلامي ڀائرن کي انهن جي قابليت ۽ دلچسپيءَ جي وهڪري کي ڏسندي دانائي ۽ حڪمت سان مدني ڪم حوالي ڪرڻ گهرجن . جيئن ته منقول آهي:" **لكل فن رجال** يعني هر فن جا مرد هوندا آهن."

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# بسم الله الرحمٰن الرحيم جي اٺوينهه اکرن جي نسبت سان 19 مدني گل

﴿1﴾ **مشڪلاتون** انسان کي تباهه ڪرڻ جي لاءِ نه بلڪه ٺاهڻ جي لاءِ ايندڙيون آهن.

﴿2﴾ **مسئلن** ۾ الجهڻ ۽ پريشان ٿيڻ جي بدران انهن جي حل جي لاءِ وسيلن کي بهتر طور تي استعمال ڪريو.

﴿3﴾ **وقت** هڪ نعمت آهي جيڪو هر انسان کي برابر، برابر ڏنو ويو آهي.

﴿4﴾ **وڏو ماڻهو** اهو آهي جيڪو پنهنجو سڄو وقت ضروري ڪمن ۾ گذاري.

﴿5﴾ **ڪوشش** اسان جو سرمايو آهي.

﴿6﴾ **همٿ** هارڻ پنهنجي ڊڪشنريءَ مان ڪڍي ڇڏيو.

**(اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه)**

﴿7﴾ مشڪل ڪمن کان لهرائڻ بدران **چيلينجز** کي قبول ڪريو.

www.dawateislami.net

﴿8﴾ **اطمينان** جي تصور کي سمجهو ۽ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

﴿9﴾ ناڪامي مان مايوس نه ٿيو. مشهور فاتح تيمورلنگ ڪيوِلين جي هرهر ناڪاميءَ جي سبب ڪاميابيءَ جي راز کان واقف ٿيو هو.

﴿10﴾ امتحان جي ڪمري ۾ جيڪو ڪم اسان ٽن ڪلاڪن ۾ ڪندا آهيون اهو عام طور تي ٽن ڏينهن ۾ به ڏکيو آهي ان جو سبب وقت کي مقرر يعني مخصوص ڪرڻ آهي.

﴿11﴾ هر ڪم جي لاءِ وقت جون **حدون** مقرر ڪريو.

﴿12﴾ **ڪنهن نئين ڪاميابيءَ** ڪان پوءِ بس ڪري نہ ويهو جيئن اردو ۾ چوڻي آهي سيهڙ جيان نہ ٿيو نہ تہ ڪُمي پنهنجي مسلسل عمل سان اڳتي نڪري ويندي.

﴿13﴾ جيڪو بہ ڪم ڪريو ان ۾ توازن،هميشگي ۽ تسلسل برقرار رکو.

﴿14﴾ لاپرواهي ۽ سُستي هڪ بيماري آهي ۽ انتهائي نقصان ڏيندڙ نشو آهي .

﴿15﴾ لاپرواهي ۽ سُستي،دير ۽ "ٻئي پيري ڪنداسين" اهي اسان جا دشمن آهن.

﴿16﴾ ذميدار جي شخصيت جو غير منظم ٿيڻ بہ مُعاملن ۾ الجهڻ ۽ فيصلن ۾ دير جو سبب ٿيندو آهي.

www.dawateislami.net

﴿17﴾ پنهنجي پرائم ٽائيم (خصوصي وقت) ۾ پرائم ڪم (يعني اهم ڪمن) کي طئي ڪريو.

﴿18﴾ "سڀاڻي ڪنداسين" اهو هڪ **دوکو** آهي.

﴿19﴾ مرشد تي اعتراض، مريد جي صلاحيتن جو دشمن آهي.

صلوا على الحبيب! صلى الله تعالى على محمد

# افرادي قوت جو سمنڊ

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ اسان جي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي دامت برکاتهم العاليه جي ڏينهن رات جي ڪمائيءَ جو نتيجو آهي جو هن وقت دعوتِ اسلامي ۾ افرادي قوت جي ڪا گهٽتائي ناهي ۽ محبت ڪرڻ وارن جو تہ شمار ئي ناهي. زندگيءَ جي شعبي جو تقريبًا هر شخص

دعوتِ اسلاميءَ سان وابستہ آهي ۽ انهن مان هڪ وڏي تعداد ڪي امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه سان بيعت جي سعادت بہ حاصل آهي. هاڻي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي جو صلاحيتن جي مطابق مدني ڪمن جي تقسيم ڪئي وڃي ۽ پوءِ ان جي گهرجن کي پورو بہ ڪيو وڃي. اڄ اسان جا تمام ئي اهم ترين ذميدار مدني ڪمن ۾ ايتريقدر مصروف ٿي ويا آهن جو هاڻي انهن کي مدني تحريڪ جي نتيجہ خيز مُعاملن تي غور ڪرڻ ۽ بهتر کان بهتر حڪمتِ عملي اپنائڻ ۽ جيڪي مدني ڪم اسان جي حوالي آهن، انَهن جي ڪارڪردگيءَ جو غور سان جائزو وٺي انهن ۾ وڌيڪ بهتري پيدا ڪرڻ يا ڪمزورين کي دور ڪرڻ ۽ پڻ مدني مرڪز جي جدوَل تي پوري طرح سان عمل ڪرڻ جو مناسب وقت ناهي ملندو. اسان کي کپي تہ اسان هن وڏي افرادي قوت کي ڪم ۾ آڻيون، انهن جي مدني تربيت ڪريون، انهن ۾ مدني ڪم تقسيم ڪريون. يقيني طور تي اسان سڀ ڪم پاڻ نہ ٿا ڪري سگهون البت جيڪي ڪم پاڻ کي ئي ڪرڻا آهن يا جن کي تقسيم ڪرڻ "**دعوتِ اسلامي**" جي لاءِ نقصان جو باعث ٿي سگهي ٿو اهي پاڻ کي ئي ڪرڻا پوندا تہ جيئن اسان کي ڪنهن قسم جي تنظيمي پريشاني کي منهن ڏيڻو نہ پوي. تقسيم جي هن عمل ۾ تجربن ۽ انتخاب ۾ ناڪامي بہ ٿي سگهي ٿي تنهن ڪري اسان کي ان کان همٿ هارڻ نہ ٿيڻ گهرجي. جيئن امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي مڪتوب جو خلاصو پيش ڪَريان ٿو:

فرمائن ٿا:"اسان جو منصب ڪم ڪري ڏيکارڻ ناهي، مسلسل جدوجهد ڪرڻ آهي. يقيني طور تي تدبير جو

www.dawateislami.net

ننهن، تقدير جي ڳنڍ کي کولڻ کان قاصر آهي، جيڪو قسمت ۾ مقدر ۾ آهي اهو ٿي ٿيندو.”

## همٿ هارڻ ڇڏي ڏيو

اسان ڏسون ٿا تہ هڪ شخص خوب جاچ، غور ۽ فڪر کانپوءِ پنهنجي جگر جي ٽڪري يعني ڌيءُ جي شادي ڪرائي ڇڏيندو آهي جيڪڏهن ان جي ڌيءُ کي بدقسمتيءَ سان طلاق ملي وڃي تہ اهو گهر ويهارڻ بدران ان جي ٻيهر شادي ڪرائي ڇڏيندو آهي. ڳالهہ صرف سمجهائڻ جي لاءِ آهي. اچو تہ! اسان امير اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي **“سفرِ دعوتِ اسلامي”** تي غور ڪريون تہ توهان کهڙن کهڙن اسلامي ڀائرن تي اعتماد ڪري مدني ڪم انهن جي حوالي ڪيا پر جيڪي ڪجهہ واقعا ظاهر ٿيا، اهي اسان کان لڪل ناهن، پر قربان وڃجي! انهن جي همٿ، حوصلي ۽ بلند ۽ پڪي ارادي تي جو **سندن تقسيم ڪاري جو سلسلو اڄاڻ تائين جاري ۽ ساري آهي.**

www.dawateislami.net

## دعا کان لاپرواهي نہ ڪريو

حالتن ۽ واقعن جي ڪري نامُوَافق يعني درست نہ هجڻ جي ڪري دل ننڍي ڪرڻ، حوصلو هارڻ ۽ اُبتيون سُبتيون تدبيرون اختيار ڪرڻ جي بدران دعا ڏانهن توجهہ ڪريو. منهنجا شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي پنهنجي هڪ مڪتوب ۾ تحرير فرمائن ٿا، “دعا کان لاپرواهي نہ ڪئي وڃي، اسان مصلحتن جي پويان پوندا

آهيون، “وڏن”جون خوشامندون ڪندي ناهيون ٿڪندا پر سڀ کان وڏي ۾ **حقيقي ڪارساز**، ربّ بي نياز عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دل جي گهرائيءَ سان ٻاڏائڻ ۾ ڪوتاهي ڪندا آهيون حالانڪہ دعا تقدير کي بدلائي ڇڏيندي آهي. سخت حاجت جي وقت ذميدار ملي ڪري “**ختم غوثيہ**” وغيره پڙهي وٺن “**صلوٰة الاسرار**” شريف جو سلسلو بہ شروع ٿي وڃي نمازِ حاجت جي بہ ترڪيب ٿئي تہ مدينه مدينه.........

**(از مکتوب امیرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه)**

# قابلِ توجہ

اسان کي پنهنجو پاڻ کي مدني تحريڪ جي لاءِ **جزولاينفڪ** (اهو حصو جيڪو جدا نہ ٿي سگهي) نہ سمجهڻ گهرجي ۽ اسان جي اها سوچ نہ ٿيڻ گهرجي جو مان ئي بهتر ڪم ڪري سگهان ٿو. جيڪڏهن اسان پنهنجي مدني تحريڪ“**دعوتِ اسلامي**” کي پاڻ کان بهتر نعم البدل ڏيڻ جي لاءِ ڪوشش نہ ڪئي ۽ اهڙا اسلامي ڀائر اڳتي نہ آڻي سگهياسين جيڪي اسان جي جاءِ تي اچي ڪري“**دعوتِ اسلامي**” کي فائدو پهچائين تہ ڇا اسان ان ذميداريءَ جو حق ادا ڪري رهيا آهيون؟

# آهہ! منهنجو ڇا ٿيندو؟

آخر ۾ منهنجي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا **محمد الياس عطار**

www.dawateislami.net

قادري دامت برڪاتهم العاليه جي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم ۾ پريل مڪتوب جو خلاصو پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو.

جيئن ته فرمائن ٿا: سڀئي اسلامي ڀائر مجسم خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ عزوجل و صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم بڻجي رهن، دل لڳائي ڪري اخلاص سان "**دعوتِ اسلامي**" جو مدني ڪم ڪندا رهن. جيڪڏهن ڪو سٺو ڪم اوهان جي هٿان ٿئي ته پنهنجو ڪمال تصور ڪرڻ جي بدران صرف رب **تعاليٰ** عزوجل جي عطا سمجهو. ان (عزوجل) جي بي نيازيءَ ڪان توجهه نه هٽايو، ابليس (هڪ روايت جي مطابق) 80 هزار سال عبادت ڪئي پر تڪبّر ڪري بدبخت ڪافر ٿي ويو. بلعم بن باعوراء ۽ ابنِ سقاء تمام وڏا عالم ٿي گذريا آهن پر آخرڪار ايمان وڃائي ويٺا. آهه! آهه! آهه! اسان نه ٿا ڄاڻون ته اسان جي باري ۾ الله عزوجل جي خفيه تدبير ڇا آهي؟ **ڊپ ٿئي! ڊپ ٿئي! سخت ڊپ ٿئيءَ!** جي ڳالهه آهي. اي الله عزوجل اسان جي مغفرت فرما.

آمين بجاه النبي الامين صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم

www.dawateislami.net

کاش! کہ میں دنیا میں پیدا نہ ہوا ہوتا
قبر و حشر کا سب غم ختم ہوگیا ہوتا
تار بن گیا ہوتا مرشدی کے کرتے کا
مرشدی کے سینے کا بال بن گیا ہوتا
آہ! کثرتِ عصیاں! ہائے خوف دوزخ کا
کاش!اس جہاں کا میں نہ بشر بنا ہوتا

(ارمغانِ مدینہ از امیرِ اہلسنت دامت برکاتہم العالیہ)

الله تعالى اسان کي اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جي غلامي ۽ **دعوتِ اسلامي** تي اَستقامت عطا فرمائي، بغير ڪنهن حساب جي مغفرت فرمائي جنّت الفردوس ۾ اميرِ اهلسنّت سان گڏ پياري آقا صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو پاڙو عطا فرمائي ۽ اسان کي دنيا ۽ آخرت جي ذلت ۽ خواري ۽ نعمت جي زوال کان محفوظ فرمائي. اسان جي،اسان جي ماءُ پيءُ ۽ سڀني امت جي بخشش فرمائي. اميرِ اهلسنّت جي شفقت جو هٿ عافيت سان اسان جي مٿن تي تادير قائم ۽ دائم فرمائي ۽ انهن جي ٺاهيل مجلسن ۽ انهن جي نگرانن خاص طور تي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي اطاعت، اخلاص ۽ استقامت سان نصيب فرمائي.

آمين بجاه النبي الامين صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# غور سان پڙهي پوءِ هي فارم ڀريو ۽ وڌيڪ تفصيل هيٺ لکي ڏيو

جيڪو اسلامي ڀاءُ فيضانِ سنّت يا اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جا ڪتاب يا رسالا ٻُڌي يا پڙهي ڪري، بيان جي ڪيسيٽ ٻُڌي يا هفتيوار، صوبائي يا بين الاقوامي اجتماعن ۾ شرڪت يا مدني قافلن ۾ سفر يا دعوتِ اسلامي جي ڪنهن ٻـ مدني ڪم ۾ شموليت جي بَرَڪت سان مدني ماحول سان وابسته ٿيو، زندگيءَ ۾ مدني انقلاب برپا ٿيس، نمازي بڻجي ويو، ڏاڙهي، عمامو شريف سينگارجي ويو، توهان ڪي يا ڪنهن مٺ مائٽ کي حيرت انگيز طور تي صحت ملي، پريشاني دور ٿي، يا مرڻ وقت ڪلمهءِ طيبه نصيب ٿيو يا چڱي حالت ۾ روح قبض ٿيو، مرحوم کي چڱي حالت ۾ خواب ۾ ڏٺو، بشارت وغيره ملي يا تعويذاتِ عطاريه جي ذريعي آفتن ۽ مصيبتن کان نجات ملي هجي تہ هٿوهٿ هن فارم کي ڀري ۽ واقعي جو تفصيل لکي ڪري هن پتي محلہ سوداگران پُراڻي سبزي منڊي (باب المدينه ڪراچي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه "مجلسِ مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ" جي مڪتَب" تي موڪلي احسان فرمايو.

www.dawateislami.net

موجوده تنظيمي
ذميداري ........................................................................
..............

مٿي ذڪر ٿيل ذريعن سان جيڪي برڪتون حاصل ٿيون، فلاڻيون فلاڻيون بُرايون ختم ٿيون اهي تفصيلي طور تي ۽ اڳ ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيفيت (جيڪڏهن عبرت جي لاءِ لکڻ چاهيو) مثال طور فيشن پرستي، ڦر وغيره ۽ اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ جي ذاتِ مبارڪه کان ظاهر ٿيڻ وارين برڪتن ۽ ڪرامتن جا "ايمان افروز واقعا" جاءِ ۽ تاريخ سان گڏ تفصيلي طور تي هيٺ ۽ ضرورت جي طور تي پويان لکي ڏيو.

www.dawateislami.net

# ماٰخذ ومراجع


| | | | |
|---|---|---|---|
| ۱) | قرآن مجيد | كلامِ باری تعالیٰ | ضیاءالقرآن پبلی کیشنز لاہور |
| ۲) | كَنْزُالْاِیْمَانِ فِیْ تَرجَمَةِالْقُرْاٰن | اعلیٰحضرت امام احمد رضا خان متوفّٰی ۱۳۴۰ھ | ضیاءالقرآن پبلی کیشنز لاہور |
| ۳) | اَلتَّفْسِیْرُ الْکَبِیْر | امام فخرالدین رازی متوفّٰی ۶۰۶ھ | داراحیاءالتراث العربی بیروت |
| ٤) | خزائن العرفان | سید نعیم الدین مرادآبادی متوفّٰی ۱۳۲۷ھ | ضیاءالقرآن کراچی |
| ٥) | صَحِیْحُ مُسْلِم | امام مسلم بن حجاج بن مسلم القشیری متوفّٰی ۲۶۱ھ | دارابن حزم بیروت |
| ٦) | اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسَط | امام سلیمان بن احمد طبرانی متوفّٰی ۳۶۰ھ | دارالکتب العلمیۃ بیروت |
| ٧) | مؤطا امام مالك | امام مالک بن انس متوفّٰی ۱۷۹ھ | دارالمعرفہ بیروت |
| ٨) | سُنَنُ اَبِی دَاوٗد | امام ابوداود سلیمان بن اشعث متوفّٰی ۲۷۵ھ | داراحیاءالتراث العربی |
| ٩) | صحیح ابن حبان | الحافظ محمد بن حبان متوفّٰی ۳۵۴ھ | دارالکتب العلمیۃ بیروت |
| ١٠) | اَلْمُسْنَدُ لِلاِمَامِ اَحْمَد بْنِ حنبل | امام احمد بن حنبل متوفّٰی ۲۴۱ھ | دارالفکر بیروت |
| ١١) | الصمت لِاِبْنُ اَبِی الدُّنْیَا | امام ابوبکر عبداللہ بن محمد القرشی متوفّٰی ۲۸۱ھ | دارالکتب العلمیہ بیروت |
| ١٢) | فِرْدَوْسُ الْاَخْبَار | حافظ شیرویہ بن شہردار دیلمی متوفّٰی ۵۰۹ھ | دارالفکر بیروت |
| ١٣) | مِرْاٰۃُ الْمَنَاجِیْح | مفتی احمد یار خان نعیمی متوفّٰی ۱۳۹۱ھ | ضیاءالقرآن کراچی |
| ١٤) | قيمة الزمن عندالعلماء (تلخيص) | | برکات المدینہ کراچی |
| ١٥) | حدائق بخشش | اعلیٰحضرت امام احمد رضا خان متوفّٰی ۱۳۴۰ھ | مکتبۃ المدینہ کراچی |
| ١٦) | ارمغان مدینہ | حضرت علّامہ مولانا الیاس عطار قادری | مکتبۃ المدینہ کراچی |


www.dawateislami.net

# فهرست


| مضمون | صفحو | مضمون | صفحو |
|---|---|---|---|
| تقسيم ڪاري جي ضرورت | 4 | تجربو بہ ٿي ويندو آهي | 34 |
| تقسيم ڪاري ۽ ان جون گهرجون | 5 | آسان وضاحت | 35 |
| پڇا ڳاڇا مدني ڪمن جي جان آهي | 7 | فائدي جي بدران نقصان | 36 |
| مقصد جو ملڻ اجان ڪجهہ بيو آهي | 9 | حسنِ خلق جي معنيٰ | 38 |
| ڪپڙن جا داغ | 10 | هلڪي ڦلڪي عبادت | 40 |
| تقسيم ڪاريءَ جو مدني مقصد | 10 | الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب ٻانهو | 40 |
| تقسيم ڪاريءَ جا فائدا | 11 | دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالیٰ عليه وآلہٖ وسلم | 40 |
| مدني تربيت | 11 | بلند حوصلو | 43 |
| تربيت جا مشڪبار مدني گل | 12 | ٻقا جا انمول موتي | 44 |
| مدني تربيت جو قرآني نسخو | 14 | مدني اصولن جي پاسداري | 45 |
| احساسِ ذميداري | 15 | اهم ڪم | 46 |
| فاروقِ اعظم جي احساسِ ذميداري | 18 | اهم ذميداريون | 47 |
| وقت جو قدر | 24 | خود اعتماديءَ جي فضا | 48 |
| حيرت انگيز حادثو | 25 | نهر جو وهڪرو | 50 |
| وقت جي ذيان جا ڪجهہ مثال | 29 | 19 مدني گل | 52 |
| سستي ۽ لاپرواهي | 30 | افرادي قوت جو سمنڊ | 54 |
| توهان ئي ذميدار آهيو | 31 | همت هارڻ ڇڏي ڏيو | 55 |
| برابري | 31 | قابلِ توجهہ | 56 |
| حوصلي افزائي | 32 | آهہ! منهنجو ڇا ٿيندو؟ | 57 |
| اعتماد | 32 | مدني بهار جو فارم | 59 |
| توهان جو تعاون | 33 | | |


www.dawateislami.net